ماهوار

# سُهڻي

سيپٽمبر ١٩٨٩ع



هن پرچي ۾

مخدوم طالب المولىٰ
جي رنگين تصوير

پير مظهرالحق
سان ڪاله ٻوله

جيڪي منجهه جهان
ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾

يڪ نعره حيدري

سوڀو گيانچندائي، نجم عباسي
۽ شوڪت شورو ، جون ڪهاڻيون

سرويچ سجاولي ۽ ٻين شاعرن
جا شعر

تنوير عباسي ۽ خيرالنساء جعفري ۽
جون رنگين تصويرون

Gul Hayat Institute

# SIMPSON WIRES LIMITED

(A PROJECT OF ATLAS GROUP OF INDUSTRIES)

ESTABLISHED - 1977

Atlas Enamelled Copper Wires are the first Vinyle Acetal Base Winding Wires produced in Pakistan conforming to BS 4516, Part 1, 1969 which have gained wide acceptance and high reputation as a first class winding wire for a great variety of applications.

Atlas Enamelled Copper Wires are produced in three standard thicknesses of coverings - Grade 1, Grade 2 and Grade 3 - in both the imperial and metric sizes ranging from SWG 14 to 50 or 0.125mm to 0.025mm in the following different types of insulation:-

1) Polyvinyle
2) Polyurethene
3) Polyamide
4) Polyester

Gul Hayat Institute




**Major consumers are:-**

Water & Power Development Authority
Pakistan Railway
Pakistan Steel Mills (PASMIC)
Directorate of Industries
Telephone Industries
Electric Fan Industries
Electric Motors & Appliances Industries
Electronic Industries
Transformer Industries Etc. Etc.
And also Exports

## مخدوم طالب المولي جي رنگين تصوير

( وچون صفحو )

## مشهور ڪهاڻيڪار خيرالنساءَ جعفري جي رنگين تصوير (وچون صفحو)

## سرويچ سجاولي جي شاندار وائي

( صفحو 70 )


| | |
|---|---|
| **آرسي** | سنڌيءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار خيرالنساءَ جعفري جا ڪجهه دلچسپ جواب ۽ سندس رنگين ۽ بليڪ اينڊ وائيٽ تصوير ( صفحو 46-45 ) |
| **ڪهاڻيون** | نجم عباسي ، شوڪت شورو ، شعبان وسطڙو ۽ سويو گيانچندائي جون ڪهاڻيون ( صفحو 64 -47 ) |
| **خاڪو** | تنوير عباسيءَ جو لکيل وڻندڙ خاڪو ( صفحو 67-65 ) |
| **مضمون** | ممتاز مرزا جي شاندار مضمون 'وساريان نه وسرن' جي چوٿين قسط ( صفحو 69-68 ) |
| **شعر** | ( صفحو 74-70 ) |
| **نوان ڪتاب** | مارڪيٽ ۾ آيل نون ڪتابن جي ڄاڻ ( صفحو 75 ) |
| **پڙهندڙن جا خط** | پڙهندڙن جا ڪارائتا ۽ دلچسپ خط ( صفحو 79-76 ) |
| **ٽي-وي ۽ فلم** | تازيون خبرون ، تصويرون ۽ مقبول اداڪار انيل ڪپور تي مضمون ۽ سندس رنگين تصوير ( صفحو-88 - 80 ) |


ٽائيٽل : سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائين آرٽ جي پروفيسر مسرت مرزا جي ٺاهيل پينٽنگ
تنوير عباسيءَ جي تصوير : علي گوهر سومرو
مخدوم طالب المولي جي تصوير بمبئي اسٽوڊيو. حيدرآباد
لي آوٽ : ذانيال شاهه

Gul Hayat Institute

# قابل اعتماد- غذائيت سان ڀرپور

ڪپڙي ۽ ڪاغذ جي ٿيلهين
۾ مُکا اسٽورن ۽ يوٽيلٽي
اسٽورن تي ملي ٿو.

# ديسي ڪڻڪ جو اٽو

ڪراچيءَ ۾
ڪپڙي جي ٿيلهين ۾
ديسي ڪڻڪ جو اٽو پيش ڪرڻ جو
شرف صرف اسانجي اداري حاصل
آهي.

## اشرفي برانڊ

اٽي سان پڪل ماني نرم ۽
ذائقيدار رهي ٿي جو جو اسان
پنهنجي جديد هالنڊ مشين تي اعليٰ
درجي جي ديسي ڪڻڪ مان اٽو تيار
ڪريون ٿا ان ۾ ميدو ۽ سوجي
پوري مقدار ۾ شامل آهن. جيڪي
اٽي ۾ غذائيت جو وڏو جز آهن.
هاڻي انٽرنيشنل ڪاغذ جي پيڪنگ ۾
ملي سگهي ٿو.

## اشرفي برانڊ

اٽو ۲۵ سالن کان اعليٰ
معيار جي ضمانت

ڪُلُوا مِن طَيِّبَاتِ مَا رَزَقْنَاكُمْ

کائو پاڪيزه شيون جيڪي اسان
توهانکي عطا ڪيون آهن.

ماهوار گهرو خريداريءَ ۾ سڀ کان اول

اشرفي برانڊ اٽو
اسپيشل

فون
611974
610120

اشرفي

ٽريڊ مارڪ

عبدالله ماڊرن پلانٽ
ناظم آباد ڪراچي-۱۸

سٺي صحت - خدا جي نعمت

# ڇهنب ڏيون

پُٽ تو ڏٺو ته قومن ڪيئن
تاريخ جي قتلام ۾ ختم ٿي وڃن
ٿيون. اندر ميوزم ۾. جيڪو هڪ
فريم خالي هو. تنهن ۾ انهي قوم
جو پورٽريٽ لڳندو جيڪا تازو
پنهنجو وجود وڃائي رهي آهي.
آرٽسٽ پورٽريٽ ناهي پيو.
ٻئي پيڙي توکي ڏيکاريندس.







سُونهن وڃايم سومرا،
ميرو مُنهن ٿيوم،
وڃڻ ته پيوم،
جته هلڻ ناهي مُسن ري.

MCB
Excels in Service

SERVICES RELATED TO FOREIGN EXCHANGE

ISSUANCE OF
FOREIGN EXCHANGE
BEARER CERTIFICATES

PROMPT ISSUANCE OF

TRAVELLERS
CHEQUES

SPEEDY NEGOTIATION OF

EXPORT/IMPORT
DOCUMENTS

EXPERT PROCESSING
OF LETTER OF CREDIT

Muslim Commercial Bank Ltd.

Gul Hayat Institute

تہ مشرقي يورپ جا ملڪ پولينڊ جي خلاف ائڪشن ڪندا تہ جيئن پولينڊ ۾ ڪميونزم کي بچائي سگهجي ۽ اهڙو عمل اڳ ۾ بہ ١٩٦٨ع ۾ چيڪو سلوويڪيا ۾ ٿي چڪو هو. اُن جو مثال بہ ڏنو ويو. چئاءُ ۾ جاٿا يو ويو تہ اهي غير انقلابي حرڪتون ملڪ ۾ سوشلسٽ ۽ قوم پرست عنصرن کي ڪمزور بنائڻ لاءِ آهن ۽ اُهي عنصر ڪڏهن بہ نہ چاهيندا تہ ٣٥ سالن کان رائج ڪميونزم کي ڪو نقصان رسي.

پر اهي سپ دپاءُ اثرائتا نہ هئا ۽ سمورو سال ملڪ جو حالتون چڪتاڻ واريون رهيون ۽ تانجو ساليڊيرٽيءَ حڪومت کان آزاد چونڊن جي گُهر ڪئي. پولينڊجي حڪومت جي سهپ کان ڳالھ چڙهي ويئي هئي ۽ آخر ڪار ،پولينڊ جي ڪميونسٽ حاڪمن هڪ اهم فيصلو ڪيو ۽ ١٣ دسمبر١٩٨١ع تي مارشل لاءَ هڻي ،مزور جماعت ساليڊيرٽيءَ ۽ اُن جي اڳواڻن کي جابر هٿ سان گرفت ۾ آندو ويو.ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ ان جي وزيراعظم جيرولز سڪي، سپ اختيار پاڻ سنڀاليا ،مزور پارٽي ساليڊيرٽيءَ تي پابندي وڌي ويئي ۽ اُن جا اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا.

پولينڊ ۾ ، ڪميون ٽ راڄ جو روايتي جبر ۽ هڪ هٽي ،ساندھ اٺ سال برقراررهي پر پابندين ۽ جبر ڪري، ملڪ ۾ هڪ عام بي آرامي واري ڪيفيت برابر پلجندي رهي. انهي دوران، روس ۾ گورباچوف جو دؤر شروع ٿيو. هاڻ پولينڊ جي حڪومت بہ محسوس ڪري رهي هئي تہ ملڪ ۽ ماڻهن جي نبض جو حال ڇا آهي. خود، روس بہ گورباچوف جي اڳوائيءَ منجھ، روسي سماج ۾ "نئين تعمير" يعني Perestroikaجي پاليسيءَ تي هلڻ شروع ٿي ويو آهي. گورباچيف مطابق روسي معاشري جي سياسي رهنمائي ڪرڻ گهرجي نہ ڪي انتظامي رهنمائي- ۽ اها ڳالھ اڳ اٽيل اصولن جي خلاف نہ پر لينن-ازم ڏانهن واپسي آهي. انهيءَ سان گڏو گوربا چوف گلاسنوستGlosnostجي پاليسي تي عمل ڪري رهيو آھ جنهن جو مطلب آهي معاملن کي کولي ظاهر ڪري رکڻ ۽ انهن خرابين جي ذميدار فرد ۽ ادارن کي عام کلئي طور تنقيد جو نشانو بنائڻ. انهيءَ نئين تعمير ۽ معاملن کي وائکو ڪري تنقيد ڪرڻ وارن اصولن جي ڪري خود روس ۾ وڏي تبديلي آئي آهي ۽ ظاهر آهي تہ انهن سيني ملڪن ۾، جيڪي روس جي فڪري نظام سان لاڳو آهن، هڪ نئين چُرپُر ۽ اثر محسوس ٿي رهيو آهي. مغربي سياسي مدبر تہ ايتري قدر چون ٿا تہ روسي شهنشاهت ۽ اُن جي نظام ۾ ڏار پئجي چڪا آهن. هنگريءَ ۾ اهو اعلان ٿي چڪو آهي تہ آزادانا چونڊون ٿينديون ۽ انجي رويي ۾ بہ غير جانبداري محسوس پئي ٿئي.چيڪوسلوويڪيا ۾ بہ مخالفت ڏر دپاءُ وجهي رهي آهي ۽ ٻين بالٽڪ جمهوريتن ۾ بہ مڪمل آزاديءَ-عمل ڏانهن جدوجهد شروع ٿي چڪي آهي.انهن سيني تحريڪن ۾ پولينڊ جي تحريڪ هاڻ پنهنجي نقطہ عروج تي پهچي چڪي آهي. روس هڪ دفعو ٻيهر پولينڊجي حڪومت کي سخت قدم کڻڻ لاءِ چئي سگهيو ٿي پر روسي صدر گورباچوف محسوس ڪري رهيو آهي تہ پولينڊ ۾ تبديلي ۽ ان جي قوت ڪيتري آهي. انهيءَ ڪري روس ۽ پولينڊ جي حڪومت اهو محسوس ڪري چڪي آهي تہ ساليڊيرٽيءَ جي تعاون کانسواءِ، اهو ناممڪن ٿي پوندو تہ ملڪ کي اقتصادي تباهيءَ سياسي بدحالي کان بچائي سگهجي. حڪومت ساليڊيرٽيءَ جي اڳواڻ ليخ واليسا سان ڳالهيون شروع ڪيون جيڪي هڪ مهنو هلڻ کان پوءِ، آخرڪار اپريل ٨٩ ۾ اهو معاهدو ڪيو ويو تہ نئين اعلان ڪيل سينيٽ(اپرهائوس) جي ١٠٠نشستن لاءِ آزاد چونڊون ٿينديون. اهي آزاد چونڊون، پوري اوڀر يورپ بلاڪ ۾ پهريون ڀيرو هيون. سينٽ جي چونڊن کانسواءِ ،اهوبہ معاهدو ٿيو تہ لوئر هائوس سيجمSejmجي ڪل ٤٦٠ سيٽن مان ٣٥ سيڪڙو سيٽن تي عام آزاد اميدوار۽ مخالف چونڊ لڙي سگهندا ۽ باقي ٦٥سيڪڙو سيٽون ،حاڪم ڪميونسٽ جماعت ۽ اُن جي ساٿين لاءِ مخصوص هونديون.اهو بہ معاهدو ڪيو ويو تہ صدر کي وسيع اختيار ڏنا ويندا ۽ صدر کي ٻنهي ايوانن جي اڪثريت چونڊيندي. انهي معاهدي کان پوءِ ساليڊيرٽيءَ تي پيل اٺ سال پراڻي پابندي، هٽائي ويئي. جلدئي جون ٨٩ ۾ اليڪشن ٿيون ۽ ساليڊيرٽيءَ سينيٽ جي ١٠٠ سيٽن مان ٩٩ کٽي ورتيون ۽ لوئر هائوس سيجم ۾ ڪميونسٽ پارٽي کانسواءِ، مخالف پارٽين لاءِ مخصوص نشستون سپ حاصل ڪيون. جولاءِ ۾، جنرل جاروزيلسڪي ،ڪميونسٽ اميدوار صرف هڪ ووٽ جي اڪثريت سان، صدر جي چونڊ کٽي سگهيو. چونڊ کان اڳ، ساليڊيريٽي جي رهنما ليخ واليسا اهو پڌرو ڪري چڪو هو تہ جنرل سندس پارٽي لاءِ قابل قبول آهي. پر وزيراعظم ڪميونسٽ نہ هوندو. مسٽر تادوز مازوويڪي، هڪ غير ڪميونسٽ مخالف رهنما آهي، جيڪو وزيراعظم ٿيو آهي. هو ٣٠ سالن کان سياست ۾ آهي ۽ ساليڊيرٽيءَ جي اخبار هفتيوار 'لولي ڊارنوز' جو ايڊيٽر پڻ آهي. اها اخبار مارشل لا لڳڻ سان بند ٿي وئي هئي

Gul Hayat Institute

سنڌ سان تعلق رکندڙ ٻئي ڪنهن مسئلي بابت ان انداز ۾ موقف اختيار ڪندي، جهڙو جيئي سنڌ تحريڪ ،عوامي نيشنل پارٽي يا ٻي ڪا قومپرست جماعت ڪري ٿي، ظاهر آهي هن جون پنهنجون مجبوريون آهن. ڪنهن حد تائين هن جا هٿ ٻڌل آهن. تنهن ڪري هو انهن مسئلن کي پنهنجي انداز ۾ هٿنڊل ڪندي، پر ان جي معنيٰ اها هر گز نه آهي ته جيڪڏهن انهن مسئلن تي پي پي سنڌ کي Betray ڪري ته به ان کي معاف ڪري ڇڏجي. ان ڪري پي پي تي به لازم آهي ته جيڪڏهن هو انهن مسئلن تي فوري طور ڪي ٺوس اُپاءُ نه ٿي وٺي ته انهن معاملن تي قومپرست رهنمائن جهڙوڪ سائين جي-ايم - سيد، جناب رسول بخش پليجو، ممتاز ڀٽو وغيره کي اعتماد ۾ وٺي. جيڪڏهن پي پي ،ايم ڪيو ايم سان مذاڪرات ڪري سگهي ٿي ته جيئي سنڌ، اي اين پي وغيره سان مذاڪرات ڇو نه ٿي ڪري سگهي. ائين ڪرڻ سان ته ويتر پي پي جا هٿ مضبوط ٿيندا.

جيستائين بهاري مسئلي تي ٻين سياسي جماعتن ۽ رهنمائن جي ڪردار جو تعلق آهي ته ان ڳالهه جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي ته اٽڪل ٻه مهينا اڳ سينيٽ جي اجلاس ۾ سنڌي سينيٽرن هڪ تمام ڪامياب دنگل ڪيو.پارليامينٽري تاريخ ۾ شايد سنڌي پارليامينٽرين جو اهو هڪ تاريخي ڪارنامو آهي ته سنڌي سينيٽر خاص طور اعجاز جتوئي، ميرهزارخان بجاراڻي، قاضي عبدالمجيد ۽ مير علي نواز سينيٽ جي اجلاس کان ٻاهر زبردست لابنگ ڪري ڪيترن پنجابي،پٺاڻ ۽ بلوچ سينيٽرن کي پنهنجي موقف جي حق ۾ هموار ڪيو ۽ پوءِ ايترو هوم ورڪ ڪري سينيٽ ۾

**آءِجي آءِ ۽ پنجاب جو وڏو وزير بغض معاويہ ۾ بهارين کي پنجاب ۾ آباد ڪرڻ واري ڪيڏ ڪيڏي رهيو آهي.**

ويا جو جڏهن بحث دوران هنن دليل ڏنا ته مهاجر سينيٽرن جي هٺن جا طوطائي اڏامي ويا ۽ هو پنهنجو ڪيس به پيش نه ڪري سگهيا. انهن سينيٽرن پنهنجو پورو ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌ دوستي جو ثبوت ڏنو.

اهو ڏسندي ته يڪي لاٽ ۾ بهارين جي اچڻ ۾ رڪاوٽون آهن، هڪ سازش تحت مختلف ٽولن ۾ بنگلاديش کان هندوستان ذريعي پنجاب ۾ بهارين جي داخل ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي شاگردن کي سلام آهي جن ريلوي اسٽيشن تي ڪئمپون قائم ڪري ڪيترن اهڙن غير قانوني طور ايندڙ بهارين کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو ۽ هنن خلاف ڪيس داخل ڪيا. پر ان سلسلي ۾ حڪومت اهڙا اُپاءُ وٺي جو اهو سلسو مڪمل بند ٿي وڃي. ان سلسلي ۾ هندوستان ۽ بنگلاديش حڪومتن سان پڻ سفارتي سطح تي رابطو قائم ڪري گذارش ڪري سگهجي ٿي، هو به ان سلسلي ۾ سخت اُپاءُ وٺن.

جيستائين ٻين سياسي ڌرين جو تعلق آهي ته سنڌ قومي اتحاد ۽ عوامي نيشنل پارٽي ان سلسلي ۾ ڪافي ڪوششون ورتيون آهن، ٻئي ڌريون هيستائين ان مسئلي تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ريليون ۽ جلوس ڪڍرائي چڪا آهن. اهو تمام ضروري آهي ته ان ذريعي حڪومت تي دٻاءُ وڌو وڃي ته هو بهاري مسئلي تي ڪي به وڏيڪ رعايتون نه ڏئي. پر ڇا اهي ڌريون فقط اهو ئي ڪري سگهن ٿيون؟ ان سلسلي ۾ ڪي ٻيا اُپاءُ نه ٿيون وٺي سگهن. اڙدو پريس بدستور روايتي ڪردار ادا ڪندي سڄي پاڪستان ۾ بهارين کي واپس آڻڻ جي حق ۾ راءِ عامہ هموار ڪري رهي آهي. آءِجي آءِ ۽ پنجاب جو وڏو وزير بغض معاويہ ۾ بهارين کي پنجاب ۾ آباد ڪرڻ واري ڪيڏ ڪيڏي رهيو آهي. ڇا اهو مناسب نه آهي ته اي اين پي ۽ جيئي سنڌ جون اهي ڌريون جن جي آءِ جي آءِ سان چڱي ڏيٺ وٺ آهي، پنجاب وڃن، اتي اخباري ڪانفرنس ڪن، اتان جي سياسي رهنمائن ۽ دانشورن سان ملن ۽ بهاري مسئلي تي سنڌي ماڻهن جو موقف پيش ڪن ۽ بهاري لابي جي پروپئگنڊا جو ٽوڙ ڪن. ساڳي طرح سرحد صوبي ۾ پڻ وڃي اتي راءِ عامہ هموار ڪن.

هن وقت بهارين کي واپس پاڪستان آڻڻ جو سڀ کان وڏو وڪيل ۽ مالي امداد ڪرڻ وارو سعودي عرب آهي. ڇا اهو ممڪن نه آهي ته هڪ ميمورينڊم تيار ڪيو وڃي جنهن ۾ سعودي عرب جي حڪومت ۽ عوام لاءِ سنڌي قوم جي موقف تي مشتمل هڪ جامع ڪيس تيار ڪيو وڃي، جنهن ۾ ٻڌايو وڃي ته سنڌين ۽ عربن جا تاريخي ناتا آهن.سعودي حڪومت ۽ سعودي عوام لاءِ سنڌي ماڻهن ۾ تمام سٺا جذبا آهن. جيڪڏهن بهاري پاڪستان اچي سنڌ ۾ رهندا ته سنڌي قوم پنهنجي ملڪ ۾ اقليت ۾ تبديل ٿي ويندي.سعودي حڪومت جي ان موقف ڪري سنڌي ماڻهن ۾ عربن لاءِ تمام منفي اثرات مرتب ٿي رهيا آهن. تنهنڪري سنڌي قوم سان دوستي جو مظاهرو ڪري سعودي حڪومت اها

Gul Hayat Institute

ڊڪٽيٽر، جمهوريت ۽ انسانيت جو قاتل ضيا آيو، جنهن هزارين ماڻهن کي ڦاسين تي چاڙهيو، هزارين ماڻهن کي ڦٽڪا هڻايا ته هنن، انهيءَ جي حمايت ڪئي.

حد اها آهي ته جڏهن آمر ضيا ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏني ته مهاجرن خوشيءَ ۾ مٺايون ورهايون ۽ هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون، جڏهن ته ذوالفقار علي ڀٽي کي عوام چونڊيو هو. پر جڏهن آمر ضيا مئو ته هنن ايڏي ڏک جو اظهار ڪيو، ڄڻ سندن اَبو مري ويو آهي.

جيڪي ماڻهو سدائين آمرن ۽ ڊڪٽيٽرن جو ساٿ ڏيندا رهيا هجن. آمرن ۽ ڊڪٽيٽرن جي مرڻ تي ماتم ڪندا رهيا هجن. هنن مان انسانيت جي ڪهڙي اُميد رکي سگهجي ٿي. سندن نيت ۽ سوچ جو پتو انهيءَ مان پئجي ويو، مهاجرن ضيا جي ورسي وڏي پئماني تي ملهائي . سڄي حيدرآباد جا دڪان ۽ ڪاروبار زوري بند ڪرايو. اها ڪيڏي نه شرم جهڙي ڳالهه آهي، جو ته ساڳين مهاجرن ذوالفقار علي ڀٽي جي خلاف اهو ڇٽي تحريڪ هلائي هئي ته سندس حڪومت ۾ جمهوريت ڪانهي، اسلامي نظام رائج ڪونهي. پر ضيا ملڪ ۾ يارنهن سال جمهوريت کي هلڻ ڪونه ڏنو، جمهوريت جو خون ڪيو. ۽ يارنهن سال ملڪ جو وارث رهڻ جي باوجود، مهاجرن جي خواهش مطابق اسلامي نظام رائج ڪونه ڪيائين .جڏهن ته سڀئي اختيار ضيا وٽ هئا. ضيا جي دور ۾ ئي هيروئن رائج ٿي، جنهن ملڪ جي نوجوان نسل کي تباهه ڪري ڇڏيو. ضيا جي ڏينهن ۾ ئي ڪلاشنڪوف ۽ ٻيا خطرناڪ هٿيار پکڙيا،

## مهاجرن جي پوري (ٻائتاليهن سالن جي) تاريخ شاهد آهي ته هنن سدائين نا حق ۽ جبر، آمر ۽ جابر جو ساٿ ڏنو آهي.

جن دهشتگرديءَ کي جنم ڏنو. ضيا جي دور ۾ جيترا اغوا، ڌاڙا، قتل ۽ زوري زنا ٿيا، ملڪ جي تاريخ ۾ ان جو ٻيو مثال نه ملندو. ضيا ڪان اڳ ڪڏهن اهو نه ٻڌو ويو ته ملڪ ۾ ڪنهن پاءُ پيڻ جي عزت لُٽي آهي يا پيءَ ڌيءَ جي عزت لٽي. پر ضيا جي دور ۾ اهڙا سوين واقعا ٿيا. ۽ انهيءَ ضيا جي ورسي مهاجرن وڏي اهتمام سان ملهائي.

هر محرم ۾ پهرين کان ڏهين محرم تائين، سنڌين وانگر مهاجر به امام حُسين جو نذر نياز ڪندا هئا، بلڪ حيدرآباد ۾ جيئن ته مهاجرن جي گهڻائي آهي ،تنهنڪري سنڌين کان وڌيڪ نياز انهن جا ٿيندا هئا. پر هن ڀيري ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ مهاجر امامن جو نياز ڪيو. ۽ اُهي پئسا بچائي حشر جي ٽئين ڏينهن تي ضيا جي لاءِ سوين ديڳون چاڙهيون. ۽ حيدرآباد جي مهاجرن اعلان ڪيو آهي ته آمر جي پٽ اعجازالحق کي حيدرآباد جا مهاجر سونو تاج پارائيندا.

سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته اعجازالحق ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، ڪهڙو جهاد ڪيو اٿس ، ڪهڙو ملڪ فتح ڪيو اٿس ،يا عوام جي ڀلائي لاءِ ڪهڙي تحريڪ هلائي اٿس. هن ۾ خوبي فقط اها آهي ته هيءَ هڪ ڊڪٽيٽر جو پٽ آهي، ۽ جمهوريت جي خلاف سازش ۾ مصروف آهي، ۽ حيدرآبادجا مهاجر سندس ساٿ ڏيئي رهيا آهن.

ضيا جي ورسيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ ،ايم ڪيو ايم جي ننڍن ليڊرن جي طرفان هڪڙو ننڍڙو بيان اخبارن ۾ آيو ته - پارٽيءَ جي پاران ضيا جي ورسي نه پيئي ملهائجي، ۽ نه ايم ڪيو ايم جي پاران ضيا جي ورسيءَ لاءِ سندن ڪارڪنن چندو وصول ڪري رهيا آهن. حقيقت اها آهي ته اعلان جي بنا ايم ڪيو ايم ضيا جي ورسيءَ وڏي اهتمام سان ملهائي ايم ڪيو ايم جا ڪارڪن هفتا اڳ ضيا جي ورسيءَ لاءِ ماڻهن کان زوري چنداڦُريندا رهيا، جيڪڏهن ايم ڪيوايم کي واقعي ضيا جي ورسي نه ملهائڻي هئي ته ڪين اڳ ۾ اهڙو اعلان ڪرڻ گهربو هو، ۽ پنهنجي ڪارڪنن کي سختيءَ سان منع ڪرڻ گهربو هو ته هڪ ڊڪٽيٽر جي ورسي نه ملهائي وڃي، جيڪو يارنهن سالن تائين جمهوريت جو گلو گهٽيندو رهيو.پر ڊڪٽيٽر ضيا جي ورسي ملهائڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جو آشيرواد مهاجرن کي حاصل هو، ۽ سندن سرگرم ڪارڪنن پوري جوش سان انهيءَ ۾ حصو ورتو. نه ته اهو ممڪن آهي ته پارٽيءَ جا ليڊر ڪا ڳالهه نه چاهيندا هجن، ۽ ڪارڪن اها ڳالهه ايڏي وڏي پئماني تي ڪن، سڄي شهر ۾ ضيا جون تصويرون هڻن، جلسا ڪن ،جلوس ڪڍن،

ماضيءَ جو جائزو وٺبو ته اها ڳالهه سامهون ايندي ته پناهگيرن سدائين ڊڪٽيٽرن جو ساٿ ڏنو آهي. هر جمهوري عمل جي مخالفت ڪئي آهي ۽ شايد سدائين ڪندا رهندا.

سهڻي بيورو

Gul Hayat Institute

# پير مظهر الحق

## صوبائي وزير قانون سان

## ڳالهه ٻولهه



طارق اشرف

سوال : شهرن ۾ غنڊا پيا سنڌي ماڻهن کي مارين ۽ ڳوٺن ۾ ڌاڙيل. اهڙين حالتن ۾ به هٿيارن جي لائسنس تي پابندي آهي. عام ماڻهو پنهنجو بچاءُ ڪيئن ڪري، جڏهن ته غنڊن وٽ جام ناجائز هٿيار آهن.

پير : اوهانجي ڳالهه صحيح آهي. حڪومت سنجيدگيءَ سان سوچي پئي ته هٿيارن تان پابندي لاٿي وڃي. پر انهيءَ سان لاڳاپيل ٻين ڳالهين تي به سوچڻو پوندو. ناجائز هٿيارن جي اڳئي گهڻائي آهي. لائسنس ملڻ تي انهن جي گهڻائي اڃان وڌندي. پوءِ ويڙهاند جي صورتحال به پيدا ٿي سگهي ٿي، پر لائسنس جي ڳالهه ويچار هيٺ آهي.

سوال : تمام گهڻن ماڻهن وٽ، تمام گهڻو ناجائز اسلحو آهي! جن وٽ ناجائز اسلحو ڪونهي اُهي مقابلو ڪيئن ڪن.

پير : توهانجي ڳالهه صحيح آهي. پر اِهو ته ٿي نه ٿو سگهي ته ناجائز هٿيارن کي ختم ڪرڻ لاءِ جائز هٿيار ڏنا وڃن. محاذ آرائي جي صورت حال کان بچڻ لاءِ ئي، پابندي لاهڻ ۾ دير ٿي آهي. اسانجي ڪوشش آهي ته ناجائز هٿيار ڪڍائجن، پوءِ ماڻهن کي جائز هٿيارن لاءِ لائسنس ڏنا وڃن.

سوال : حيدرآباد ۾ جيڪي امن ڪاميٽيون ٺهيون آهن، انهن ۾ اڪثريت ايم - ڪيو - ايم جي ڪائونسلرن يا اسيمبليءَ جي ميمبرن جي هوندي آهي. فساد به انهن جا ماڻهو ڪن ٿا، انهن جي ئي زور تي ته پوءِ اهي ڪيئن امن قائم ڪرائيندا.

پير : مان اِهو ڪونه چئي سگهندس ته ڪوڙ اهي ڪائونسلر يا اسيمبليءَ جا ميمبر ڪرائين ٿا. البت ماڻهن اهڙا الزام هنيا آهن، پر جيستائين ڪو مضبوط ثبوت ڪونهي، اهڙو الزام ڪيئن ٿو لڳائي سگهجي. ڪوڙ ٿئي ضرور ٿو، اسان انهن کي اِهو به چيو آهي ته توهانجي علائقي ۾ ڪوڙ ٿئي ٿو، انهيءَ جا اوهان ذميوار آهيو. جيڪڏهن ڪنهن ائين چيو آهي ته اسانکي خبر ڪانهي ته ڪوڙ ڪنهن ڪرايو، ته اسين سندن اها ڳالهه به ڪونه ٿا مڃون. امن ڪاميٽين ۾ اسان هنن کي انهيءَ ڪري ڪنيو آهي ته جيئن اسين ڪين ڳلي کان پڪڙي سگهون، ڇاڪاڻ ته اهي انهن جا چونڊيل نمائيندا آهن ۽ اُتي اڪثريت به هنن جي آهي.

سوال : جڏهن به حيدرآباد ۾ دهشت گردن ۽ غنڊن جي گهرن تي ڇاپا هنيا ٿا وڃن، پوليس اِهوئي چوي ٿي ته هٿيار ڪونه نڪتا. انهن ڇاپن جو اطلاع ايم - ڪيو - ايم جا اڳواڻ، هنن کي اڳواٽ ڏيو ڇڏين، انهيءَ جو تدراڪ اوهان وٽ ڪهڙو آهي.

پير : ايم - ڪيو - ايم جا اڳواڻ اهڙو اطلاع ڪيئين ڏيندا. جڏهن ته انهن کي، انهن ڇاپن جي خبر ئي نه هوندي آهي. جڏهن به پوليس ۽ انتظاميه ڇاپا



Gul Hayat Institute



۾ حصو هوندو هو.

سوال: ايم-ڪيو-ايم سان معاهدو ڪرڻ ۾ سنڌي عوام کي ڪهڙو فائدو رسيو آهي.

پير: سنڌي عوام کي رڳو اهو فائدو رسي سگهي ٿو ته هِن صوبي ۾ امن امان قائم رهندو. امن امان قائم رهندو ته سنڌ ۾ خوشحالي ممڪن ٿي سگهندي. روزگار جا وسيلا کليل رهندا. آمدني وڌندي، اهو پئسو سنڌ جي عوام، خاص ڪري ٻهراڙيءَ جي عوام جي ترقي تي خرچ ڪرڻ ممڪن ٿي سگهندو. سياسي پارٽين جي پروگرام ۾ اوليت انهيءَ ڳالهه کي ڏبي آهي ته جن ماڻهن هن کي ووٽ ڏنا آهن، انهن جي خدمت ڪجي، پروگرام تي عمل ڪرڻ لاءِ سياسي حڪمت عملي ٺاهبي آهي. جيئن ته ايم-ڪيو-ايم کي ٻه صوبي ۾ هڪ چوٿائي اڪثريت حاصل ٿي ويئي آهي، تنهنڪري هنن کي ساڻ ڪڻجي. اهڙيءَ طرح هنن کي غلط رستي تي هلڻ کان روڪي سگهنداسين.

اوهين معاهدو پڙهي ڏسو، انهيءَ ۾ هڪ شق به اهڙي موجود ڪانهي، جيڪا سنڌي عوام جي خلاف هجي، معاهدي ۾ ايترو به چيل آهي ته ناجائز اسلحي جي برآمدگيءَ لاءِ ٻئي ڌريون تعاون ڪنديون. ديهي ۽ شهري آبادي جي وچ ۾ جيڪا خلا آهي، جيڪو تفرقو آهي، انهيءَ کي دور ڪرڻ ۾ ٻئي ڌريون ڪوشش ڪنديون.

سوال: اوهان چيو ته پي-پي، ايم-ڪيو-ايم سان معاهدو سنڌ ۾ امن خاطر ڪيو، ته هن معاهدي جي ڪري سنڌ ۾ امن ٿي ويو. خاص ڪري حيدرآباد ۾، ۽ اڃا تائين معاهدو ساڳيو آهي، ته پوءِ هر مهيني معاهدي جي تجديد ڇو پئي ٿئي. هر ڀيري هونئيون گهرون ٿا ڪن.

پير: جيڪو امن اسان چاهيو ٿي، اهو ته ڪونه ٿي سگهيو آهي، پر اميد بهرحال اسانکي اڃا به آهي، پر جيڪڏهن اسان ايم-ڪيو-ايم مان هٿ ڪڍي ڇڏيون ته پوءِ خبر ناهي ته اهي ڪنهنجي هٿن ۾ ڪيڏندا هينئر هو اسان سان آهن. اسين هنن کي رابطي ۾ رکيو ويٺا آهيون، هنن کي، هنن جي عوام منتخب ڪيو آهي. اهي جيڪي غلط ڪم ڪندا، پنهنجي ماڻهن کي نقصان رسائيندا. شهرن ۾ اڪثريت هنن جي آهي، تنهنڪري معاشي نقصان هنن کي پوندو. عوام هنن کي ٽيسٽ ڪندو ته هنن جيڪي وعدا ڪري ڪائن ووٽ ورتا، انهن تي اهي پورا لٿا يا نه. اسين جمهوري طريقي سان هنن کي اجازت نه ڏيندا سين ته هو غير جمهوري طريقا اختيار ڪري، هنن جا هيرو بڻجن چاهيندا، انهيءَ جي باوجود جيڪڏهن هو پنهنجي علائقن ۾ امن ٿا ڪرائي سگهن ته سندن ئي ماڻهن کي انهيءَ جو خراب نتيجو ڀوڳڻو پوندو. باقي معاهدي جي تجديد جي ڳالهه اوهان ڪئي. معاهدي ۾ آهي ته سياسي قيدين کي آزاد ڪبو هنن جو زور آهي ته اسانجي سيني قيدين کي ڇڏيو. اسانجو اهو چوڻ آهي ته مرڊر ڪيس واپس نه ورتاويندا، انهيءَ تي اسان ريزسٽ ڪريون پيا. هنن جا ڪافي ڪائونسلر مرڊر ڪيسن ۾ ان والسو آهن پلي ڪورٽن ۾ اهي ختم ٿين.

**جڏهن به فضا خراب هوندي آهي، وڳوڙي هٿيار پنهنجي گهرن مان ڪڍي ڇڏيندا آهن.**

Gul Hayat Institute



آهي ته انهن کي ڇڏيو وڃي. ايم - ڪيو - ايم وارن کي اسان چيو ته اوهان پنهنجي ماڻهن لاءِ ضد ڪندا ته انهن کي ڇڏيو ،ته پوءِ ٣٠ سيپٽمبر وارن کي به ڇڏڻو پوندو ،۽ هنن به اِها ڳالهه قبولي ته پلي هنن کي ڇڏيو. هن کي ڇڏڻ جو فيصلو ٿي ويو آهي ،پر ڪافي اهڙا ماڻهو به انهيءَ ۾ ملوث آهن، جيڪي نهايت ئي خطرناڪ ڏوهاري ۽ ڌاڙيل آهن، ۽ هنن ٻين تي ڌاڙا ڪونه هنيا آهن، پنهنجي سنڌي عوام کي هنيا آهن. هڪدم هنن کي ڇڏي ڏيڻ سان اُهي ماڻهو به ڇُٽي ويندا. اها خود سنڌي ماڻهن سان زيادتي ٿيندي، پروس ۾ دير ٿي آهي ،پر اِهي جلد ڇٽي ويندا.

سوال : مون اوهان کان، اڳيان پڇو هو ته سنڌي ماڻهن کان پنهنجا اباڻا گهر ڇڏايا پيا وڃن ،انهن جي روڪ لاءِ اوهان ڪهڙا اُپاءُ ورتا آهن.

پير : جڏهن به ملڪ ۾ گهوٽالي جي صورت پيدا ٿيندي آهي، مقامي ماڻهو وقتي طور تي، هيڏانهن هوڏانهن پنهنجو تحفظ ڳولهيندا آهن ،پر جڏهن به حالتون معمول تي اينديون آهن، اُهي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويندا آهن. ١٩٧٢ع ۾ جيڪا صورت حال پيدا ٿي هئي، انهيءَ ۾ ڪافي اردو ڳالهئيندڙ، ڀهراڙين مان لڏي شهرن ۾ هليا ويا ،پر ڀهراڙين ۾ سندن گهر هئا ،ڪاروبار هئا. تنهنڪري جڏهن حالتون سڌريون ،اُهي موٽي پنهنجن گهرن ۾ ويا. اِها ڳالهه برابر آهن ته شرارتي ماڻهو ،اُهي ڪير به آهن ،اُهي مقامي ماڻهن کي ڊيڄارين ٿا، تنگ ڪن ٿا ،اهي چاهين ٿا ته ملڪ ۾ گنڀير صورتحال پيدا ٿئي، هتي خون ريزي ٿئي ،۽ فوج کي وري مداخلت جو موقعو ملي .اُهي بهانو بڻائين ته صوبن ۾ امن امان ڪونهي.اوهانکي ياد هوندو ته P.N.A جي پيري به فوج اهو ئي بهانو بڻايو هو، مونکي

**اسان پيپلز پارٽيءَ وارن کي چيو ٿو وڃي ته توهانجو ڪراف ڪري پيو.**

اسيمبليءَ ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ ويٺا آهن. اوهان مهاجر قومي موومنٽ سان معاهدو ڪيو آهي، هاڻ اسانجي سڏڻ يا نه سڏڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي.

پير : پوي ٿو، چاڪاڻ ته اسانجو موقف بلڪل ڪليئر آهي. اسين کين چوندا آهيون ته اسين توهانکي مهاجر تسليم ڪونه ڪنداسين ،نه ئي پنجين قوميت. اسين اوهانکي اردو ڳالهائيندڙ سنڌي تسليم ڪريون ٿا ،جيئن هتي بروهي ڳالهائڻ وارا آهن، سرائڪي ڳالهائڻ وارا آهن ،بلوچي ڳالهائڻ وارا آهن. اُهي ماڻهو پاڻ کي سنڌي تصور ڪن ٿا. تنهنڪري کين به اسانکي مهاجر نه چوڻ گهرجي.

سوال : ايم - ڪيو - ايم جي ڪارڪنن تي سنڌي عورتن جون عزتون لٽڻ ۽ گهرن ڦرڻ جا ڪيس هئا، اُهي گهڻي ڀاڱي واپس ورتا ويا. ايستائين جو اشفاق چيف جهڙا فسادي به آزاد گهمي رهيا آهن.پر جيڪي سنڌي گرفتار ٿيا. اعلانن جي باوجود به اُهي اڃا جيلن ۾ پيا آهن. ايستائين ته ڪراچيءَ ۾، جن سنڌي شاگردن پنهنجي حقن لاءِ بک هڙتاليون ڪيون ،اُنهن کي به گرفتار ڪيو ويو ۽ اُهي اڃا تائين جيلن ۾ پيا آهن .اِها ٻٽي پاليسي آخر ڇو.

پير : ٻٽي پاليسي ڪانهي. اصولن اِهو فيصلو ٿي چڪو



يقين آهي ته عوام اِهو نه ٿو چاهي ته خون خرابو ٿئي. شهرن ۾ دهشت گرد آهن، جيڪي تشدد ڪن ٿا. ٽارچر سيلن ۾ ماڻهن کي اذيتون ڏين ٿا. پر اسين انهن جي مذمت ٿا ڪريون، ڇو ته فسادن ۾ مرن رڳو غريب ماڻهو ٿا. جن جو نه سياست سان تعلق هوندو آهي، نه ڪنهن تنظيم سان. سو حالتون ضرور سڌرنديون ۽ ماڻهو پنهنجي گهرن ڏانهن موٽندا.

سوال : اوهان چيو ته هنگامن ۾ ماڻهو پنهنجيون جايون جڳهيون ڇڏين ٿا. امن ۾ وري موٽي ٿا اچن. پر هينئر حيدرآباد ۾ جيڪا سچوئشن آهي، انهيءَ ۾ ائين ٿيڻ ممڪن نه رهيو آهي. ٦-اپريل ۽ ١٩ جولائي تي ڪيترن ئي غنڊن سنڌين کي شهيد ڪيو. مهاجر غنڊا.... اوهان چئو ٿا ته انهن کي مهاجر نه چئو ته سگهي ٿو اِها اوهانجي پاليسي هجي... اهي غنڊا سنڌين کي حيدرآباد ۾ رهڻ ٿا ڏين. تنهنڪري اُهي پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، سنڌي علائقن ۾ لڏي ويا آهن، ۽ لڏين پيا. پر سنڌين جو جايون منصوبي تحت مهاجر خريد ڪونه ٿا ڪن. تمام گهڻا سنڌي اهڙا آهن جيڪي پيون جايون ٿا وٺي سگهن. انهن جو بچاءُ ڪيئن ٿئي.

> **جڏهن به ملڪ ۾ کهوناڻي جي صورت پيدا ٿيندي آهي، مقامي ماڻهو وقتي طور تي، هيڏانهن هوڏانهن پنهنجو تحفظ ڳولهيندا آهن. پر جڏهن به حالتون معمول تي اينديون آهن، اُهي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويندا آهن.**

پير : وزيراعظم صاحب، وزير داخلا اعتزاز احسن جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪاميٽي ناهي آهي. مان، نثار کهوڙو ۽ ايم-ڪيو-ايم وارا به انهيءَ جا ميمبر آهيون. اها ڪاميٽي انگ اکر گڏ ڪندي ته حقيقت ۾ لڏڻ پلاڻ ڪيتري ٿي آهي. ڪاميٽي اڳ ۾ ڪم شروع ڪري ها، پر اعتزاز صاحب جو پيءُ گذاري ويو هو. هاڻ ١٥ سيپٽمبر کان پوءِ هو ايندو.

ايم-ڪيو-ايم وارن اخبارن ۾ خبر ڏيئي ڇڏي آهي ته هاڻ پيپلز پارٽيءَ به مڃيو آهي ته اسانجي لڏ پلاڻ ٿي آهي، پر اها حقيقت ڪانهي. اسان چيو آهي ته حقيقت، تحقيق کانپوءِ ئي سامهون ايندي. اسانجي سنڌين، قديمي باشندن جون شڪايتون به اسان وٽ پهتيون آهن. اسانجي ڪاميٽي تحقيق ڪندي، ۽ ڏسندي ته حقيقي لڏ پلاڻ ڪيتري ٿي آهي، پوءِ سنڌين کي ۽ اردو ڳالهائيندڙ سنڌين کي، ٻيهر پنهنجي آبادين ۾ آباد ڪبو. حيدرآباد جا سنڌي بلڪل شفٽ ٿيا آهن، پر جمهوري حڪومت قانون نافذ ڪرڻ وارن جي ذريعي، سياسي حڪمت عملي سان اها ڳالهه ممڪن بڻائيندي ته اسانجا سنڌي ۽ اُهي ماڻهو جيڪي اردو ڳالهائين ٿا، ٻيهر پنهنجن گهرن ۾ وڃي رهن، وقت وڏو مرهم آهي، پاڻ اصلاح ڪندو. اسانجي مفاد ۾، سنڌي ماڻهن جي مفاد ۾ اها ڳالهه ڪانهي ته هو پنهنجا علائقا دهشت گردن يا ڪن مخصوص ماڻهن جي حوالي ڪري وڃن. اسين پنهنجي قديمي باشندن جو تحفظ

Gul Hayat Institute

غلام نبي مغل

# ڪامريڊ نجيب

قسط ٻين

# جي ديس ۾



(غلام نبي مغل اسانجو سينئر صحافي آهي. هن سنڌ جي مسئلن تي تمام گهڻا مضمون لکيا آهن ۽ سياسي ليڊرن کان ڍيرا سنا انٽرويو ورتا اٿس. پوئين ڏينهن ۾ هي افغانستان ويو ۽ موٽي اچي، اتي جو سفر نامو لکيو اٿس، جيڪو قسطوار ڏئي رهيا آهيون.)

جيل کان ٻاهر اسان جي زير زمين قيادت جو خيال هو ته جيل پرڻ واري دم ٽوڙيندڙ تحريڪ بند ڪري، زير زمين ائڪشن ڪميٽي جا ميمبر پنهنجي گرفتاري پيش ڪري خود جيلن ۾ پنهنجن ساٿين سان وڃي ملن. ۽ پوءِ فيصلو پاڪستان جي قوم ۽ تاريخ تي ڇڏيو وڃي ته جيڪو وٽي سو فيصلو صادر ڪن. جڏهن ته جيل اندر اسان جي قيادت جيڪا برنا صاحب تي مشتمل هئي، تنهن

ڪجھ سال اڳ پي آءِ اي جي نيئڊ تي آءٌ جڏھن ڪراچيءَ جي صحافين جي ٽيم سان گڏ نيپال ويو ھوس تہ خوشنصيبيءَ سان ان ٽيم ۾ مونکان سواءِ ان سڄي سفر ۾ فقير محمد لاشاري بہ ھو. مون کان اھا گھڙي اصل ڪانہ وسري جڏھن نيپال جي سفر واري آخري ڏينھن، جڏھن نيپال رائل ايئر لائينس جي جھاز ۾ چڙھي اسين دنيا جي سڀ کان مٿاھين چوٽي ايورسٽ جو طواف ڪري رھيا ھئاسين، ۽ جڏھن اسانجو جھاز ان چوٽيءَ جي انتھائي ويجھو پھچي ويو تڏھن مون جھاز ۾ اتي فقير کي سڏ ڪيو. ۽ فقير سڏ جو سڏ ڏنو ۽ اسان پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالھايو ھو. جھاز ۾ ويٺل سڀ ساٿي عجب ۾ اسان کي تڪڻ لڳا ھئا. پر مونکي عجيب اطمينان نصيب ٿيو ھو، تہ ھن سنڌين دنيا جي سڀ کان مٿاھين ھماليائي چوٽي وٽ بيھي، سنڌي ۾ ڳالھايو. اھڙي طرح ايورسٽ جي اردگرد جميل ماٺ تي سنڌي جي مھر ھڻينسين.

صحافين جي ٽيم بريفنگ کان آجي ٿي ائميگريشن واري ڪائونٽر وٽ پھتي. سينئر دوست عبدالحميد ڇاپرا سيني جا پاسپورٽ وٺي ھڪ ڪائونٽر واري کي ڏنا. ڪائونٽر انچارج جي پيشانيءَ تي پريشاني جا گھنج نمودار ٿيڻ ۽ غائب ٿيڻ لڳا. ھن جي لاءِ اھو نئون تجربو ھو تہ ايترا صحافي ھڪ وقت دھلي وڃي رھيا آھن، ھو ڪوبہ فيصلو ڪري نہ سگھيو. ھن پنھنجي ٻئي ساٿيءَ کي سڏ ڪيو. ٻنھي ڪنن ۾ سس پس ڪئي. ٻئي جي ڪن جي پاپڙين ۽ نڪ جي چنھنب تي پگھر گڏ ٿيڻ لڳو. مون مشڪي ڇاپرا کي چيو تہ 'ڊرامو' شروع ٿي ويو آھي. انھيءَ دوران اھي ٻئي ھمراھ اسان جا پاسپورٽ کڻي پر واري آفيس ۾ داخل ٿي ويا. اسان مان ڪيترن کي دل ۾ اڻ تڻ پيدا ٿي تہ پڪ وڃي نہ سگھنداسين. پر اڳيان بہ عبدالحميد ڇاپرا ھو. سوبرنا صاحب کي پاڻ سان وٺي آفيس ۾ داخل ٿي ويو ۽ وڃي وڏي آواز ۾ چيائين تہ ڪليئر ڪريو ٿا يا اسين ھتان ٽيليفون تي اعتزاز احسن سان ڳالھايون. ٿوري وقت ۾ ١٢ - ١٣ ڪرسيون آنديون ويون. اسان کي چيو ويو تہ توھين ڪرسين تي ويھو. توھانجي ٿڌي سان خاطر تواضع ڪريون ٿاجيئن توھان جي پاسپورٽن تي ٺپا لڳي پورا ٿين. ٿڌو پئي ختم ئي مس ڪيوسين تہ پاسپورٽ ڪليئر ٿي پھچي ويا. ھاڻ آخري مرحلي 'بدني چڪاس' مان لنگھو ھو. اسان مان جن وٽ ڪئميرائون ھيون، تن مان بيٽري ڪڍي عملي پاڻ وٽ رکي ڇڏي. اھا پابندي فقط پي آءِ اي وارن وٽ آھي تہ بيٽري پريل ڪئميرا کڻي ھوائي جھاز ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نہ آھي. حالانڪ مون بيٽري پريل ڪئميرا کڻي تازو سڄي يورپ جو سفر ڪيو. ڪڏھن لفٿينسا تہ ڪڏھن ڪي. ايل. ايم ۾ سفر ڪيم پر ڪٿي بہ ان تي اعتراض نہ ڪيو ويو. معلوم ٿيو تہ پي آئي اي وارن بہ اھا پابندي تازو عائد ڪئي آھي. ان مرحلي مان بہ پاس ٿي اسين آخري ھال ۾ پھتاسين تہ خبر پئي تہ ڪراچي ۾ افغانستان جو قونصل جنرل فدامحمد لاروي ۽ قونصل خاني جا ٻيا عملدار اسان کي خدا حافظ چوڻ آيا آھن. مون پھريون ڀيرو لاروري کي ڏٺو ھو. جڏھن آءٌ ڪراچي ۾ ھوندو ھوس ۽ ڊپلوميٽڪ فنڪشنن ۾ وڃڻ ٿيندو ھو. تڏھن مڙني ڊپلوميٽس سان چڱي عليڪ سليڪ ھئي، پر ڪراچي ڇڏي حيدرآباد وسائڻ کان پوءِ ڊپلوميٽڪ حلقن لاءِ ماڻھو اوپرو ٿي ويو آھي. افغانستان سفارتڪارن پاڻ ھر ھڪ کي گراھڻي پائي خداحافظ ڪيو. لاروي چيو تہ افغانستان کي پنھنجو ملڪ ۽ پنھنجو گھر سمجھو. اتي توھان کي ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندي. توھان اتي وي. وي. آئي. پي ھوندؤ. انقلاب جو تفصيل سان جائزو وٺجو. ان لاءِ توھان کي مھينا گھرجن. تنھن ڪري پاڻ کي ستن ڏينھن تائين محدود نہ ڪجو. توھان جيترا بہ ڏينھن افغانستان ۾ رھڻ چاھيندؤ توھان جي اوترا ڏينھن ميزباني ڪئي ويندي، وغيره.

آخر سريلي آواز ۾ مسافرن کي سڏ ٿيو تہ دھلي ويندڙ مسافر ھوائي جھاز ڏي ھلن. ھوائي جھاز ۾ مونکي ۽ برنا صاحب کي گڏ سيٽون مليون. پويان نھاريم تہ پوئين سيٽ تي ويٺل مجاھد تي نظر پيم. مجاھد عجيب خوشي اکين ۾ جھليو مون ڏانھن گھوري رھيو ھو. آءٌ سمجھي ويس تہ مجاھد ڇا ٿو چوڻ چاھي. مون کي ياد بہ آيو تہ جنرل ضيا جي دور ۾ مجاھد کي روس جي دوري جي پڻ دعوت ملي ھئي. مجاھد حسب معمول مون کان مشورو ورتو ھو ۽ مون حسب معمول مجاھد کي مشورو ڏنو ھو تہ ھو روس وڃڻ جي غلطي نہ ڪري مارشل لا وارا ڪيس پريشان ڪندا. پر مجاھد نہ مڙيو. ھن پي آئي ڊي اسلام آباد کي لکي موڪليو تہ کيس روس طرفان دعوت ملي آھي ۽ ھو روس وڃڻ چاھي ٿو تنھنڪري کيس نو آبجيڪشن ڏنو وڃي. ھڪ مھيني کانپوءِ بہ جڏھن ڪو جواب نہ مليو تہ مجاھد پاڻ اسلام آباد ويو، جتي ھن ھڪ اعليٰ عملدار سان ملاقات ڪئي، جنھن مجاھد کي ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏھن روس وڃڻ لاءِ نو آبجيڪشن وٺڻ تي زور ڏنو تہ، پاڻ کي نقصان رسائيندو. مجاھد کي اڄ ڏينھن تائين اھا ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي آھي تہ کيس روس وڃڻ جي اجازت نہ ملي، پر ساڳئي وقت اسلام آباد جي ٻين ٻن صحافين مشاھد حسين ۽ اياز امير کي اجازت ڪئين ملي؟ ان کانپوءِ مجاھد مانڙي ڪري اچي ڪراچي وھي رھيو ھو. پر اڄ جڏھن نو آبجيڪشن وٺڻ بغير ١٣ صحافي دھليءَ رستي ڪابل وڃي رھيا ھئا تہ آمريت ۽ جمھوريت جو واضح فرق ضرور محسوس ٿي رھيو ھو. جنرل ضيا جي مارشل لا واري دور ۾ ھڪ دلچسپ واقعو پڻ ٿيو، جڏھن پاڪستان جي مختلف شھرن جا اٽڪل ٢٠ سينئر صحافي عراق حڪومت جي دعوت تي بغداد روانا ٿيا تہ ڪين ھوائي جھاز اندر ويٺل سيٽن تان اٿاري جھاز مان لاٿو ويو ھو.

Gul Hayat Institute

هوائي جهاز هلڻ کان اڳ ائيرهو سٽس ٽرالي ۾ اخبارون کڻي مسافرن کي اخبارون ڏيڻ لڳي. هوائي جهاز ۾ اهو مرحلو بہ انتهائي دلچسپ هوندو آهي. پڙهيل ڪڙهيل ۽ بزرگ مسافر اخبارن تي ائين مارو ڪندا آهن جو ننڍپڻ جو اهو منظر ياد اچي ويندو آهي، جڏهن جامع مسجد مٽياري جي در تي خيراتي ڏريو ورهايو ويندو هو، تہ ٻار ۽ پوڙها پليٽون ۽ جهنيون کڻي ڏريو ورهائڻ واري تي چڙهي ويندا هئا. ڪي تہ ترين تي گرم ڏريو وٺي پيا سو سڙاٽ ڪڍندا هئا. گهڻو لامارو جنگ ۽ ڊان تي هو. مون جنگ، ڊان، بزنس رڪارڊر ڪانسواءِ ايئر هو سٽس کي چيو تہ مونکي سنڌي اخبار وٺي ڏي. هن تر مان عبرت ڪڍي ڏني. مون چيو تہ ٻيون سنڌي اخبارون بہ هونديون. هن چيو تہ هوائي جهاز ۾ فقط عبرت ايندي آهي. ڪو وقت اڳ آفتاب ايندي هئي. شيخ صاحب مڙسي ڪري ان وقت جي وزير دفاع مرحوم مير علي احمد ٽالپر کان اهڙو آرڊر ڪرايو هو. ڏسجي ٿو تہ مير صاحب ڪانپوءِ هوائي جهازن ۾ آفتاب رکڻ بند ڪئي وئي آهي. مونکي اهو ڏسي ڏک ٿيو تہ هلال پاڪستان بہ موجود نہ هئي. حالانڪ هلال پاڪستان نہ فقط سنڌي جي هڪ وڏي اخبار آهي، پر حڪمران پ پ جي ترجمان اخبار بہ آهي ۽ هر لحاظ کان هوائي جهاز ۾ رکڻ جي لائق آهي. هئڻ تہ ائين گهرجي تہ نہ فقط عبرت، هلال پاڪستان ۽ آفتاب. پر هر سنڌي اخبار بشمول عوامي آواز، ٻين اخبارن سان گڏ هوائي جهاز ۾ مسافرن کي ملڻ گهرجن. جڏهن تہ اڙدو ۽ انگريزي جي هر ننڍي وڏي اخبار جهازن ۾ موجود آهي. ايستائين جو گجراتي اخبارون بہ هونديون آهن تہ پوءِ سنڌي اخبارن سان اهو ماٽيجي ماءُ وارو سلوڪ ڇو؟ ڇا سنڌي پي آئي اي ۾ سفر ڪونہ ٿا ڪن؟ هن وقت تہ اسانجا وڏيرا ايم اين اي هڪ ڏينهن اسلام آباد ۾ عيش ڪندا آهن تہ ٻئي ڏينهن گهر جو چڪر لڳائيندا آهن. پر وڏيرن کان اها توقع ڇو ڪجي؟ هنن کي پنهنجين عياشين، ۽ زرعي ترقياتي بئنڪ مان قرض حاصل ڪرڻ ۽ ترجي ڪاموري جي بدلي ڪرائڻ کان فرصت هجي تہ انهن 'ڪين' جهڙن ڪمن ڏانهن توجه ڏين. خبر نہ آهي ڪيستائين سنڌين جا ڪنڌ وڏيرن جي گوڏي هيٺ چيپيل رهندا ۽ ڪڏهن سنڌين جي تقدير بدلبي؟ ڪيڏي نہ شرم جي ڳالهہ آهي تہ اڄ بہ سنڌين سان اهو سلوڪ ۽ اهو مذاق جاري آهي، جڏهن تہ پي آءِ اي جو چيئرمين سنڌي آهي ۽ بورڊ آف ڊئريڪٽرس جا ٻئي ميمبر - سيد خادم علي شاهہ ۽ سردار مقيم کوسو سنڌي آهن. ڇا اهو ڪم بہ بينظير ڀٽو کي ڪرڻو پوندو تہ پي آئي اي جي چيئرمين دائود پوٽي ۽ بورڊ آف ڊئريڪٽرس جي ميمبرن کي گهرائي چوي تہ سنڌي اخبارون هوائي جهازن ۾ رکڻ جا آرڊر ڪيا وڃن؟ چون ٿا تہ دائود پوٽي صاحب کي ايئرفورس جو چيف ان ڪري نہ ڪيو ويو، جو هو سنڌي هو ۽ کيس هڪ ڊگهي عرصي تائين ملڪ بدري نصيب ٿي. جوڻيجي صاحب جي دور ۾ کيس پي آئي اي جو مئنيجنگ ڊئريڪٽر بنايو ويو. پر چون ٿا تہ ان سموري عرصي دوارن دائود پوٽي صاحب جي ڪارڪردگي جو نچوڙ اهو هو تہ اهو ثابت ڪري تہ هو حادثاتي طور سنڌي آهي. پي آئي اي جي هڪ ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ سنڌي آفيسر آهي. مارشل لا جي سموري عرصي ۾ هن سان سندس اسٽاف ۽ باس ڏاڍيون ارهہ زورايون ڪيون. نہ فقط کيس جائز پروموشن ڪونہ مليو، پر کيس پنهنجو فرض ادا ڪرڻ بہ ڪونہ ڏنو ويندو هو. هو آخر اهڙو تنگ ٿيو جو نوڪري ڇڏڻ بابت سنجيدگي سان سوچڻ لڳو. آءٌ هميشہ سندس همٿ افزائي ڪندو هوس ۽ چوندو هوس تہ پاڙي تي استعفيٰ نہ ڏجئين. جڏهن دائود پوٽو صاحب ايم. ڊي ٿيو تہ همراهہ کي پيٽ ۾ ساهہ پيو، پاڻ ايم. ڊي صاحب کي رپريزنٽيشن ڪري گذارش ڪئي تہ ساڻس انصاف ڪيو وڃي. هن ڪٿي بہ دائود پوٽي صاحب کي سنڌي هئڻ جو واسطو نہ وڌو ۽ نہ ئي وري اها تقاضا ڪئي تہ کيس فيور ڪيو وڃي؟ پر هن سان جيڪا ويڌن ٿي، تنهن کي هو اڄ ڏينهن تائين وساري نہ سگهيو آهي. دائود پوٽي صاحب ان سنڌي آفيسر کي هڪ ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ گهرايو. هو جڏهن دائود پوٽي صاحب جي آفيس ۾ داخل ٿيو تہ هن سان گڏ پي آئي اي جا بہ ٻيا عملدار بہ اڳيئي ويٺا هئا. اڃان هو اندر داخل مس ٿيو تہ دائود پوٽي صاحب جي رڙ ٻڌائين جنهن کيس اکيون ڦاڙي اڙدو ۾ چيو تہ "تون ڇا ٿو چاهين؟ تون مون کان سنڌي هئڻ جي ناتي فيور حاصل نہ ٿو ڪري سگهين. وري آئنده اهڙي غلطي نہ ڪجئين نہ تہ نقصان ٿيندئي." همراهہ وائڙو ٿي ويو ۽ اڃان تائين وائڙو وائڙو ٿي گهمندو وتي تہ "ڀتان راهہ هلندي دائود پوٽي صاحب جي ور نہ چڙهي وڃان."

هوائي جهاز دهلي ڏانهن اڏاڻو تہ منهنجي ذهن ۾ بہ ڪئين تصور، ڪئين خيال ۽ ڪئين جذبات لهرون لهرون بنجي ترڻ لڳا.

آءٌ ۽ منهنجا ٻيا ساٿي هڪ اهڙي وقت افغانستان جو سفر ڪري رهيا هئاسين، جڏهن اٽڪل يارنهن سالن تائين آمريت جي ڪاري رات کان پوءِ، هاڻ پاڪستان ۾ جمهوريت وري هئي. پر اڃا جمهوريت جي لاٽ جوت نہ جهلي هئي. جمهوريت جو ڏيئو ڪاري رات جي اٿاهہ سمنڊ جي وچ سير ۾ هو. ڏيئي پنهنجو سفر شروع تہ ڪيو هو، پر ڊپ هو تہ ڪناري تائين پهچندي پهچندي اها ڪمزور ۽ جهيڻي لاٽ، بي رحم طوفاني هوائن جي ور نہ چڙهي وڃي، ۽ لاٽ وسائجي وڃڻ کان پوءِ، وري ساڳي ڪاري رات ۽ ٻُٽ اونڌاهہ ديرو نہ ڄمائي.

عجيب و سوسا ۽ عجيب انديشا هئا، جنهنڪري هانوَ تي پڻ عجيب بار محسوس ٿي رهيو هو. اهو وقت افغان انقلاب لاءِ

پڻ عجيب هو. سڄي دنيا جي اطلاعاتي ذريعن، پروپيگنڊا جو هڪ عجيب ۽ غريب طوفان کڙو ڪري ڇڏيو هو. ڪو ڏينهن ۽ ڪا رات اهڙي خالي نه هئي، جڏهن اِها خبر نه پئي آئي ته بس اڄ اقتدار ويو، اڄ جلال آباد ويو، ۽ اڄ ڪابل تي راڪيٽن سان حملو ڪري، ڪابل کي ڪنڊرن ۾ تبديل ڪيو ويو.

صدر نجيب جي باري ۾ ته اهي افواهه هئا ته نجيب ته بس اڄ صدارت ڇڏي يا سڀاڻي ڇڏي. افغان انقلاب ۽ سامراجي اطلاعاتي ذريعن جي وچ ۾ هڪ ڇتي جنگ شروع ٿي چڪي هئي، جنهن جو بيو ڇيڙو نظرئي ڪون ٿي آيو. جنهن ڏينهن کان افغانستان جي ڌرتي انقلاب کي سيني سان لڳايو، تنهن ڏينهن، تنهن ساعت، پروپيگنڊا جي جنگ شروع ٿي، ۽ اڄ ڏينهن تائين پنهنجي پوري جوڀن تي آهي.

جيءَ ۾ ڪيترا خطرا ۽ انديشا ليٽا پائي رهيا هئا. ۽ هر وقت اِهو الڪو هوته ڪٿي اهي انديشا درست ته نه آهن؟ ڊپ هو ته افغانستان پهچڻ کان پوءِ جيڪڏهن انقلاب تي عائد ٿيندڙ اهي تهمتون ۽ سامراج طرفان جوڙيل ڏند ڪٿائون، ذرو به صحيح ثابت ٿيون ته اسان کي ڪيتري نه نراسائي ٿيندي. افغان انقلاب کي بچائڻ لاءِ، افغان عوام جيڪا جاکوڙ ڪئي، تنهن جي هڪ الڳ تاريخ مرتب ٿيندي، جو افغان عوام، افغان انقلاب جو هر اول دستو آهن. پر پاڪستان ۽ سنڌ ۾، افغان انقلاب لاءِ جيڪا همدردي آهي، تنهن جو به ڪو ڪاٿو نه آهي. سون ماڻهن افغان انقلاب کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. هنن اِهو سمورو عرصو، جنهن دوران افغان عوام، افغان انقلاب جو تحفظ ڪرڻ خاطر، سامراج سان جنگ جوٽي، ان سموري عرصي دوران، هتان جي سوين ۽ هزارين ترقي پسندن ۽ قومپرستن سچي دل سان، ڏينهن رات، افغان انقلاب لاءِ دعائون گهريون، ۽ منَ ئي من ۾، افغان انقلاب کي ڪاميابين ۽ ڪامرانين جا سنيها موڪليا آهن. انهيءَ سموري عرصي دوران، جڏهن به افغان انقلاب جي فتح ۽ پيشقدميءَ جون خبرون آيون هونديون، ته هتان جي ترقي پسندن، قومپرستن ۽ عوام دوست ماڻهن جا سينا خوشي ۽ فخر سان ڦوڪجي پيا هوندا. وري جيڪڏهن ڪا خراب خبر آئي هوندي، ته انهن مڙني پنهنجو ساهه مُٺ ۾ محسوس ڪيو هوندو. هتان جي سرويچن جي ذهنن ۾ ان سلسلي ۾ ڪو به شڪ شبهو نه رهيو آهي، ته سندن ملڪ ۽ هن سموري علائقي جي شاندار مستقبل جو انحصار گهڻو ڪري افغان انقلاب جي مڪمل ڪاميابي ۽ فتح سان ڳنڊيل آهي.

سنڌي ماڻهن ته سوين سالن کان رائج چوڻيءَ ۾ به تبديلي آڻي ڇڏي آهي ته — 'جڏهن، تڏهن سنڌڙي تو کي قنڌار کان جو ڪو'. اها چوڻي، ان دؤر جي آهي، جڏهن خيبر لڪ ۽ بولان لڪ کان ايندڙ ٻاهريان سامراجي فوجي لشڪر، سنڌ کي تاراج ڪري، دهلي جي راڄڌاني ڏانهن وڌندا هئا. پر هاڻ ته جاگرافيائي طور تي حالتون ئي تبديل ٿي ويئون آهن. دنيا جي ڪنهن به حصي تي يلغار ڪرڻ لاءِ، نه گهوڙن، نه ترارن جي ضرورت آهي ۽ نه لڪن ۽ برپٽن جو سهارو وٺڻو پوي ٿو. هاڻ سامونڊي جنگي جهاز، سامونڊي ٻوڏو ٻيڙن، سامونڊي ميزائلن، هوائي جهازن، ۽ ايٽمي ميزائلن جو دؤر آهي. پر سنڌ کي تاراج ڪرڻ لاءِ ايڏي وڏي محنت ۽ مٿا ڪٽ ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي. اڄوڪي سنڌ ته 'وڏي پاءُ' ۽ 'مهمانن' جو حساب ڪتاب چُڪائڻ ۾ ئي ڳري رهي آهي. هن سموري پيڙا جو هاڻ هڪڙوئي ته سهارو محسوس ٿئي ٿو ته ڪو عوامي انقلاب اچي، ۽ سيئي نا انصافيون ختم ٿين، ۽ سنڌ جو عوام ان انقلاب جي سهاري مَڇي مڙس ٿئي، ۽ وڏيرن، وڏن پائرن توڙي 'مهمانن' جي چار مان نکري، انهن مڙني ڏاڍ ۽ ڏمرن کان آجو ٿي سگهي.

جنهن ڏينهن افغانستان ۾ انقلاب آيو آهي، تنهن ڏينهن کان هتان جي عوامي قوتن ۾ هڪ عجيب اعتماد ڪر موڙڻ شروع ڪيو آهي، ۽ اُميد جو ڪرڻو نظر آيو آهي، ته جا شيءِ افغان عوام کي نصيب ٿي آهي، سا اسان کي به نصيب ٿي سگهي. اِهوئي سبب آهي جو هتان جو عوام، افغان انقلاب کي پنهنجي لاءِ هڪ وڏو سهارو محسوس ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو شايد تمام جلد سنڌ جو عوام، سندن پراڻي چوڻيءَ کي دفن ڪري، ان جاءِ تي ڪا نئين چوڻي جوڙي ته 'جڏهن تڏهن سنڌڙي تو کي قنڌار جو سهارو'

ذهن ۾ ڪيئي طوفان اُڀري ۽ لهي رهيا هئا. ذهن ۾ سوچن جي يلغار شايد ان هوائي جهاز جي رفتار کان به تيز هئي، جيڪو مون کي ڪراچيءَ کان دهلي، ۽ دهليءَ کان ڪابل ڪٺي وڃڻ لاءِ، ڪيئي فاصلا اورانگهي رهيو هو، ۽ جنهن جي سيٽ تي ويٺي، پنهنجي ڳل تي مُٺ جي ٽُني ٽڪائي، آءٌ سنڌ ۽ افغانستان جي حالتن جي ڀيٽ ڪري رهيو هوس — ڇا زمانو هو ۽ ڇا زمانو آهي! ڪو زمانو هو جڏهن سنڌ جي ساوڪ ۽ سنڌي مارو ماڻهن جي ڇهرن تي ڇانيل ته در تهه مرڪ تي ڌاڙو هڻڻ لاءِ، سامراجي قوتون افغانستان جي سرزمين اورانگهي، سنڌ تي راتوها هڻنديون هيون. ۽ هڪ زمانو وري اڄ جو آهي، جڏهن افغان انقلاب جي جوش کي مانو ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي ڌرتيءَ کي پاڻي پٽ بڻايو ويو آهي!

هوائي جهاز جي رفتار سبب يا منهنجي ذهن ۾ آيل زلزلي سبب، ڪڏهن منهنجي سوچ مستقبل جي انتهائي آخري ڇيڙي کي وڃي ٿي ڇهيو، يا مون پاڻ کي ماضيءَ جي ڪنهن ڪنڊپاسي ۾ اڇليل محسوس ٿي ڪيو. اوچتو منهنجي ذهن کي هلڪو جهٽڪو آيو، ۽ مون کي ڪراچي جي مهراڻ هوٽل ۾، هندستان کان آيل هڪ دانشور ووندر اگروال سان ملاقات ياد اچي ويئي. اگر وال جو تعلق ساڄي ڌر سان هو. ان وقت هندستان ۾ جنتا پارٽيءَ جي حڪومت هئي. هو ان وقت هندستان جي هڪ انتهائي حساس ۽ اهم اداري 'انڊين انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز' سان هو. هندستان جهڙي ملڪ جي هڪ اهڙي حساس اداري جي، هڪ اهڙي اهم فرد جو پاڪستان جو دورو انتهائي معنيٰ خيز هو. آءٌ ان وقت ڪراچي ۾ هوس. جنرل ضيا جي حڪومت جي ڇُرچ تي لڳاتار هڪ ٻئي پٺيان ڇپُن اخبارن مان نيڪالي ملڻ کان پوءِ، آءٌ ان وقت اسلام آباد مان شايع ٿيندڙ هفتيوار رسالي 'حرمت' سان ڳانڍاپيل هوس. اسين رپورٽر جيئن ته هر وقت خبرن جي تلاش ۾ هوندا آهيون، تنهنڪري مون کي ڪنهن طرح خبر پئي ته هندستان جو هڪ اهم شخص، اسلام آباد ۾ 'اهم' سرگرمين کان پوءِ، ڪراچي آيل آهي، ۽ شام ڌاري واپس دهلي هليو ويندو.

هن مون کي ملاقات لاءِ فقط اڌ ڪلاڪ ڏنو. آءٌ جڏهن هن جي ڪمري ۾ داخل ٿيس ته هو ناشتو ڪري رهيو هو. اگروال صاحب چيو ته مون وٽ وقت تمام ٿورو آهي، تنهنڪري ناشتو به ڪبو رهبو، ۽ ڳالهه ٻولهه به جاري رهندي. هن جي ڳالهين مان پتو پيو ته هو اسلام آباد انهيءَ لاءِ ويل هو ته جيئن پاڪستان جي حڪمرانن سان صلاح مشورا ڪري، گڏيل ڪوشش ذريعي افغان انقلاب خلاف ڪو مشترڪا بند ٻڌي سگهجي، پاڪستان ۽ هندستان جي فرسوده معاشرن کي، افغان انقلاب جي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ، ڪو بچاءُ بند ٻڌي سگهجي.

انهيءَ کان اڳ جو اگروال سان ٿيل گفتگو جي واسطو رکندڙ نقطن جو ذڪر ڪريان، هن مرحلي تي هڪ ڳالهه رڪارڊ تي آڻڻ چاهيان ٿو، ته جنرل ضيا پنهنجي دؤر حڪمرانيءَ ۾، ڪجهه اهڙين سرگرمين ۾ پڻ رڌل هو، جن جو تعلق پاڪستان بدران، پنجاب جي هڪ مخصوص سوچ ۽ مخصوص لابيءَ جي هاڃيڪار منصوبن سان هو. اها ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ مون وٽ ڪو ثبوت نه آهي، منهنجو اِهو رايو، ووندراگروال، توڙي ان وقت پاڪستان جي مک سياستدانن، توڙي ٻاهران ايندڙ شخصيتن سان ٿيل ڳالهه ٻولهه، توڙي انهن جي پس منظر جي ڪيل کوجنا دوران ٿيندڙ انڪشافن تي ٻڌل آهي. ممڪن آهي ته اِهو رايو درست نه به هجي. پر خبر نه آهي ته مون کي ڇو يقين آهي ته اِهو وقت ضرور ايندو، جڏهن منهنجا اهي انديشا درست ثابت ٿيندا. انهن راين مان، منهنجو هڪ رايو اهو به آهي ته جنرل ضيا هندستان جي ٽن ڌيهوڪي وزيراعظم مرارجي ڊيسائي، توڙي وزيراعظم اندرا گانڌي، ۽ موجوده وزيراعظم راجيو گانڌيءَ سان جيڪي به مذاڪرات ڪيا، تن جو هڪ پهلو اهو به هو ته 'هندستان، پاڪستان ۾ آمريت کي تسليم ڪري، ۽ پاڪستان جي ننڍي صوبن تي پنجاب جي هڪ مخصوص لابيءَ جي بالادستي هجي، ته انهيءَ جي عيوض، پاڪستان جي حڪومت سموري علائقي ۾ هندستان جي مفادن کي چيلنج نه ڪندي ۽ هندستان جو ڪمدار ٿي ڪم ڪندي.'

اگروال کي بهرحال پاڪستان ۾ آمريت تي سخت تشويش هئي، ۽ ڪيس اُلڪو هو ته 'پاڪستان ۾ آمريت ڪري، پيدا ٿيل سياسي خال کي جمهوري نظام سان پُر نه ڪيو ويو ته افغان انقلاب سرحدون اورانگهي پاڪستان اندر داخل ٿي ويندو، ۽ اچي اهو خال پُر ڪندو.' هن تاريخ جي حوالي سان هڪ انتهائي اهم ڳالهه ڪئي. هن چيو ته "تاريخ شاهد آهي ته جن قوتن به خيبرلڪ يا بولان لڪ پار ڪيو، انهن کي دهلي زير ڪرڻ کان دنيا جي ڪابه طاقت نه روڪي سگهي." هن چيو ته هيستائين هندستان ۽ پاڪستان جا تعلقات برابر خراب رهيا آهن. لڙايون به ٿيون آهن. پر اسان پاڪستان جي صلاحيتن کان مطمئن هئاسين ته اهو ايترو طاقتور آهي، جو ڪنهن به ٻاهرين قوت کي اهي سرحدون ٽپڻ جي اجازت نه ڏيندو. پر هاڻ جڏهن پاڪستان ۾ آمريت آهي، ۽ هتان جا ماڻهو حڪومت جي خلاف آهن، تڏهن اسان کي انديشو ورائي ويو آهي ته پاڪستان جي موجوده حڪومت اهو فرض بخوبي انجام ڏيئي سگهندي." هن زور ڏيندي چيو ته "جنهن وقت به اسان محسوس ڪيو خطرو وڌي ويو آهي، ۽ پاڪستان ڪجهه به نٿو ڪري ته پوءِ اسين خاموش نه رهنداسين ۽ انهن سرحدن جي خود حفاظت ڪرڻ لاءِ اسان کان جيڪي پڄي سگهندو، سو ڪنداسين."

مون اها ڳالهه ٻولهه ٻڌي محسوس ڪيو ته افغان انقلاب کان فقط پاڪستان جي آمريت ئي نه، پر هندستان جو بورجوازي به ڊنل آهي ۽ ايترو به نه ٿو چاهي ته انقلاب اچي هندستان جي سرحدن تي ويهي رهي.

اوچتو مون پنهنجي ڪُڪ ۾ ٽونٽ لڳندي محسوس ڪئي، ۽ منهنجي انهن خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. سامهون ايئر هوسٽس ٽري ۾ ايوننگ سنيڪس کنيو بيٺي هئي. برنا صاحب چيو، "تون خبر ناهي ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين. هاڻ سولو ٿي ته ايئر هوسٽس ٽري رکي."

آءٌ سولو ٿيس ۽ ايئر هوسٽس منهنجي سيٽ تي ٽري فڪس ڪئي. ان تي سنيڪس جي پليٽ رکي. پُٺ پُٺ ڪندي رواني ٿي ويئي. پي-آءِ-اي جي ماني ۽ ايئرهوسٽيسون گهڻو ڪري 'شُڪر' جهڙيون هونديون آهن پر اڄوڪيون سنيڪس ٺيڪ ٺاڪ هيون. پيٽيز تازا هئا ۽ پيسٽري سٺي هئي. پر حيدرآباد واري بامبي بيڪريءَ وارو مزو ڪٿي. پي-آءِ-اي وارن کي گهرجي ته گهٽ ۾ گهٽ پيسٽريون ۽ ڪيڪ بامبيءَ بيڪري تان گهرائين. ائين ڪري ته ڏسن. پوءِ مسافر رڳو انهيءَ پيسٽري ۽ ڪيڪن جي ڪري پي-آءِ-اي جي جهازن ۾ سفر ڪندا. پر پي-آءِ-اي ۾ ايترو افعال ڪٿي جو ائين ڪن.

اڃان پيٽيز ۽ پيسٽري ڪائي ختم مس ڪيم ته محسوس ڪيم ته مٿان ڪو اڇن ڪپڙن ۾ بيٺو آهي. مٿي نهاريم ته اسٽيوارڊ چانهن ۽ ڪافيءَ جون ڪٽليون جهلي، مون ڏانهن مشڪي نهاري رهيو هو. هو طاهر هو. طاهر ڪجھ وقت اڳ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ اخبار 'صداقت' ۾ ڪم ڪندو هو. صداقت کي پوءِ، جنرل ضيا جي دؤر ۾ بند ڪيو ويو هو. صداقت جي ايڊيٽر بشير احمد رانا هڪ ٻئي 'ڪڙڪ' صحافي محمد ميان جي صلاح سان، جنرلن خلاف هڪ انتهائي سخت ايڊيٽوريل لکيو هو، جنهن ۾ هن تي خاص طور تي هڪ جملي تي شديد اعتراض ڪيو ويو. جنهن ۾ چيل هو ته 'جنرلن جي شهوت اقتدار ختم نه ٿيندي، جيستائين هو پاڪستان کي ختم نه ڪندا.' بعد ۾ طاهر صحافت ڇڏي ڏني، ۽ وڃي پي-آءِ-اي ۾ اسٽيوارڊ ٿيو.

طاهر اسان کي ان وقت مليو، جڏهن اسين اميگريشن مان آجا ٿي، لائونج ۾ پهتاسين. هو مڙني صحافين سان ڀاڪر پائي، حب سان مليو هو، ۽ چيائين "آءٌ به دهليءَ واري فلائيٽ تي آهيان. مزو اچي ويندو." ان وقت هن اسان سڀني جا بورڊنگ ڪارڊ پاڻ ورتا، ۽ ساڻ وٺي مٿي هوائي جهاز ۾ آيو، ۽ اسان سڀني کي انتهائي سٺيون سيٽون الاٽ ڪرائي ڏنيون هئائين. برنا صاحب ۽ مون کي گڏ سيٽون ڏنيون هئائين، جيڪي بنھ فرنٽ تي، ۽ دريءَ پر سان هيون.

طاهر برنا صاحب کي ڪافي ڏيئي چڪو هو. مشڪي مون کان پڇيائين، "مغل صاحب، اوهين به ته ڪافي پيئندؤ نه؟" آءٌ ان وقت کان ڪافي پيئڻ کان پرهيز ڪندو آهيان، جڏهن مون بزنس رڪارڊ جي هڪ سينئر پارسي صحافيءَ کان ٽانسلس جو هوميوپيٿڪ علاج ڪرايو هو. هن مون کي سرڪو، ڪٿاڻ ۽ ڪافي پيئڻ کان منع ڪئي هئي. مون چيو، "نه آءٌ ڪافي ڪونه پيئان، مون کي چانهه ڏي." هن ڪوپ ۾ چانهه اوتي ۽ اهو پڇي ته ٻيو ڪجھ ته نه گهرجي ۽ واپس ورڻ لڳو ته پريان چاپرا جي رڙ ٻڌي بيهي رهيو. چاپرا چيو، "يار هي چانهن ۽ ڪافي وري ڇا ڪٿي آيو آهين. اوهين پي-آءِ-اي وارا پيئڻ واري شيءِ پيارو ڪونه ٿا. باقي هي ڪوسا ڏک ڀرڻ جي سزا ڇو ٿا ڏيو؟" طاهر مشڪي چيو، "چاپرا صاحب، اها ته اوهان کي مون کان وڌيڪ خبر آهي، اوهين استاد ماڻهو آهيو." مجاهد ڪِلَ ۾ ٻڌي ويو، ۽ مجيد بلوچ هڪ وڏو ٺهڪ ڏيندي، حبيب جالب جي هڪ مشهور غزل جي هڪ سٽ جهونگارڻ شروع ڪئي 'بڙي بي مروت ٿَي، شامين ڪر گيا ويران'

چاپرا چيو، "بي مروتي جي به انتها آهي. شامون ته ويران ٿي ويئون، پر هوائي سفر به ويران ٿي ويو." مجاهد، چاپرا تي ٽوڪ ڪندي چيو، "اهو فيصلو به عوامي دؤر جو تحفو آهي ته جالب جو اهو غزل به عوامي دؤر جو تحفو آهي." برنا صاحب سميت اسين سڀئي کلڻ لڳاسين، ۽ محظوظ ٿيڻ لڳاسين.

اڃا اها کل پوگ هلي پئي ته طاهر وري اسان ڏانهن ايندو نظر آيو. هن جي هٿن ۾ ٻه پليٽون هيون جن ۾ برياني ۽ گوشت جو ٻوڙ هو. هن اهي پليٽون اسان جي پر سان ويٺل الطاف صديقي، عزيز ناروي ۽ يوسف خان کي ڏنيون جن شايد منجهند جي ماني کانه کاڌي هئي.

پوءِ پتو پيو ته طاهر ڪجھ ٻين صحافين ۽ هڪ صحافي خاتون کي پاڻ سان ڪريو باڪس ڏانهن وٺي ويو ۽ سڀ کاڌا سندن اڳيان رکيائين. سنيڪس کائڻ کان پوءِ مختلف مسافر پنهنجي سيٽن تان اٿي هيڏانهن هوڏانهن هلڻ لڳا. ڪي ٽائليٽ ڀي ويا ته ڪي وِهڪ واري ٿڪ لاهڻ لاءِ، جهاز ۾ هيڏانهن هوڏانهن اچڻ وڃڻ لڳا. آءٌ به پنهنجي سيٽ تان اُٿي بيٺس، ۽ هوائي جهاز جي آخري ڪنڊ تائين پسار ڪرڻ جو سوچي رهيو هوس ته هڪ مسافر 'مرحبا مرحبا' ڪندو اچي برنا صاحب سان مليو. برنا صاحب به هن سان وڏي پنهنجائپ سان مليو. برنا صاحب منهنجو هُن سان، ۽ هن جو مون سان تعارف ڪرايو. هو هندستان ۾ جامع مليه يونيورسٽيءَ ۾ ڊپٽي رجسٽرار هو. ڪجھ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو هو. هندستان کان اسان جي يارن جي اها به طرفا ٽرئفڪ ١٩٤٧ع کان اڃا تائين جاري آهي. اهڙا به ڪئين ڪيس آهن ته هندستان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ڇوڪرو ويزا تي پاڪستان ايندو آهي، ته هتي هن جا عزيز، هن لاءِ اڳواٽ نوڪريءَ جو بندوبست ڪريو ويٺا هوندا آهن. هتي پهچڻ کان پوءِ،

Gul Hayat Institute

ڪري سگهجي. برنا صاحب ان سلسلي ۾ بہ ڪافي فڪر مند هو ، تہ اخباري ڪارڪنن وارو ويج بورڊ ، جنهن باري ۾ هو اسلام آباد ۾ اطلاعات واري مملڪتي وزير سان ڪافي مذاڪرات ڪري رهيو هو ، ڪڏهن ٿو جُڙي ، جو ان باري ۾ سڄي ملڪ جي اخباري ڪارڪنن ۾ بيچيني وڌندي پئي ويئي.

اسان جي تبادلہ خيال جو سلسلو ان وقت ٽٽي پيو ، جڏهن مائيڪ تي هوائي جهاز جي ڪئپٽن جو پهرين انگريزي ۽ پوءِ اردو ۾ آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن خو شخبري ٻڌائي تہ اسان دهلي مٿان اڏام ڪري رهيا آهيون ، ۽ تمام جلد اسان نئين دهلي جي هوائي اڏي تي هونداسون. هن مڙني مسافرن جي رفاقت جو ٿورو مڃيو. ان کان سواءِ موسيقي جي اها ڌن وڄڻ شروع ٿي ، جيڪا هوائي جهاز ۾ اوچاين کان هيٺ لهندي لئنڊ ڪرڻ تائين وڄائي ويندي آهي. اسان بہ پنهنجا بيلٽ ٻڌا. مون دريءَ مان ڏٺو. ان وقت سانجهي ٿي چڪي هئي ، هيٺ دهليءَ جون بتيون نظر اچي رهيون هيون. ڄڻ بتين ۽ روشنين جو ڪو سمنڊ چوليون هڻي رهيو هو. مون کي دهلي جو روشنين وارو اهو سمنڊ روشنين جي ان سمنڊ کان ننڍو ۽ ڇسو محسوس ٿيو ، جيڪو رات وقت ڪراچي هوائي اڏي تي لهڻ وقت ڪراچي جي روشنين تي نظر وجهڻ سان محسوس ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ مون کي اهو احساس ان ڪري پيدا ٿيو ، جو ڪراچي منهنجو پنهنجو آهي. شايد قدرتي طور بہ پنهنجي هر ڳالهہ وڏيڪ وڻندي آهي. ڪراچي تہ جهڙو تهڙو شهر بہ نہ آهي. ڪراچي سنڌ جو ڳاٽ ۽ ڪنڌ آهي. دل کي ڇڪ آئي ۽ سنڌ ياد اچڻ لڳي ۽ دل ۾ چيم تہ 'سنڌ شل تنهنجو ڳاٽ هميشہ اوچو هجي. اسين هجون نہ هجون.!'

مون کي اهو وقت ياد آيو جڏهن ون يونٽ ٽٽڻ ۽ صوبا بحال ٿيڻ وقت اسان جي ڪجھ ڏسٽن وائسٽن سنڌي سياستدانن ۽ دانشورن اها راءِ ظاهر ڪئي ، تہ هاڻ جيئن تہ آدمشماريءَ جو تناسب تبديل ٿيڻ ڪري ڪراچي عملي طور سنڌين جي هٿن مان نڪري چڪي آهي ، تنهن ڪري بهتر ٿيندو تہ ڪراچي مان خود ئي هٿ ڪڍجن ۽ حيدرآباد کي سنڌ صوبي جي راڄڌاني بنايو وڃي. پر سنڌ جي اڪثر دانشورن ۽ سنڌي قوم ان راءِ کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو هو. وقت سنڌي قوم جي ان فيصلي کي درست ثابت ڪيو آهي. قومون پنهنجا ڪنڌ نہ جهڪائينديون آهن ڪٽي ڻالهين تي رکي ٻين کي پيش ڪنديون آهن. سنڌي قوم پنهنجي وجود جي جيڪا جنگ لڙي رهي آهي ، تنهن ۾ هوءَ ڪراچي ۽ حيدرآباد تہ وڏي ڳالهہ پر ڪا وستي ۽ واهڻ بہ ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهي. چيو وڃي ٿو تہ ڪجھ وقت اڳ جڏهن اين-ڊي-پي ، پي-اين-پي ۽ عوامي تحريڪ کي ملائي هڪ پارٽي بنائڻ وقت ، پي-اين-پي جي ڪجھ حلقن طرفان اها تجويز رکي وئي تہ صوبن جي سرحدن جي نئين سر جوڙ جڪ ڪئي وڃي. تہ ان وقت جناب رسول بخش پليجي جي قيادت ۾ عوامي تحريڪ ان تجويز کي ويٽو ڪندي اهو موقف اختيار ڪيو تہ سندس پارٽي فقط تڏهن نئين پارٽي ۾ شامل ٿيندي جڏهن نئين پارٽي جي منشور ۽ آئين ۾ واضح لفظن ۾ اهو لکيو ويندو تہ سنڌ جي سرحدن ۾ ڪابہ ڦير ڦار نہ ڪئي ويندي. پوءِ پليجي صاحب جي ان موقف کي تسليم ڪيو ويو ، ۽ اهو فقرو خاص طور اي-اين-پي جي آئين ۽ منشور ۾ شامل ڪيو ويو. چون ٿا تہ اها تحريڪ بهرحال اڃان ختم نہ ٿي آهي. اطلاعن مطابق تازو بلوچستان جي وڏي وزير نواب محمد اڪبر بگٽي ديره بگٽي ۾ جيڪب آباد جي مڙني چڱن مڙسن ۽ وڏن وڏيرن کي دعوت ڏني ، جن ۾ جيڪب آباد سان تعلق رکندڙ مڙني ايم-اين-اي ، ايم-پي-اي ۽ سينٽرن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن کي ڪلاشنڪوف تحفي طور ڏني وئي. ان گڏجاڻي ۾ نواب اڪبر بگٽي تجويز رکي تہ تحريڪ هلائي وڃي تہ جيڪب آباد ضلعي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جو شهداد ڪوٽ تعلقو سنڌ کان الڳ ڪري بلوچستان ۾ شامل ڪيو وڃي. چون ٿا تہ ان گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪندڙ مڙني وڏيرن ۽ سردارن ان تحريڪ جي پٺ ڀرائي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اطلاعن مطابق سينيٽر مير هزار خان بجاراڻي ڪافي وقت ان تحريڪ جو روح روان بڻيو رهيو. پر اها تحريڪ ان ڪري اڃا اڳتي نہ وڌي سگهي آهي جو جيڪب آباد ضلعي ۽ شهداد ڪوٽ تعلقي جو عام ماڻهو ان تحريڪ جي خلاف آهن. هو سنڌ جي ختم ٿيندڙ نيم فيوڊلسٽ نظام کي ڇڏي ، بلوچستان جي قبائلي نظام جو حصو بڻجڻ لاءِ قطعي تيار نہ آهن. عام ماڻهن جي موقف کي مد نظر رکندي انهن علائقن جي سردارن ۽ وڏيرن کي اها تجويز عوام آڏو پيش ڪرڻ جي اڃان همٿ نہ ٿي سگهي آهي.

جنهن وقت هوائي جهاز دهلي شهر مٿان لامارا ڏيئي لئنڊ ڪرڻ جو تياريون ڪرڻ لڳو ، تہ هڪ موچاري ايئر هوسٽس ٽپ ڏيئي اچي اسان جي سامهون لڳل هڪ سيٽ کي سولو ڪري ان تي ويٺي ۽ بيلٽ ڪشي ٻڌائين. هوائي جهاز ۾ مختلف هنڌن تي اهڙيون سيٽون لڳل هونديون آهن ، جن کي کولي ايئر هوسٽس ، ۽ ٻيو عملو انهن تي ان وقت وهندو آهي جڏهن هوائي جهاز لئنڊ يا ٽيڪ آف ڪرڻ وارو هوندو آهي. ان سيٽ کي کولي هڪ ايئر هوسٽس جي وهڻ تائين ، اسان کي خبر نہ هئي تہ اسان جي اڳيان بہ ڪا اهڙي سيٽ لڳل هئي. اها سيٽ ايترو ويجهي هئي ، جو ان تي

گھرجي ۽ نوان عزتمند گھراڻا ۽ زورآور شخصيت سامھون آڻجن، تہ جيئن ماڻھو ڊڪٽيٽر جي اڳيان پويان هلن. (ب)ڳاٽ مٿي ڪري هلندڙ شھرين کي بنا ڪنھن خطا جي قتل ڪري ڇڏجي تہ جيئن تمام ماڻھن جي دل ۽ دماغ تي هيبت ڇانئجي وڃي. (ت) تمام ماڻھن کي ڪنھن بہ جماعت ۾ وڃڻ يا ٺاھڻ جي اجازت نہ هجي.(ج) عام ماڻھن ۾ اهڙا مسئلا ڦھلائي ڇڏجن، جو هو هڪ ٻئي جي خلاف ٿي وڃن ۽ پنھنجين ڏاڙهين پٽڻ ۾ پورا هجن. منجھن ڪوبہ گڏيل اعتماد پيدا ٿي نہ سگھي، تہ جيئن ڪا هڪ قوت اُڀري ۽ ڊڪٽيٽر جي لاءِ ڪو خطرو پيدا ٿئي.

فيلسوفن جي سائين ارسطوءَ جي لکئين مان نڪتل اهو تت، هر زماني جي ڊڪٽيٽرن لاءِ ڪارآمد نسخو آهي. جيئن رب سائين ،پنھنجي مخلوق کي سنئين راھ ڏيکارڻ لاءِ، هڪ لک چوويھ هزار پيغمبر موڪليا تہ اهڙيءَ ريت ئي قدرت ،پنھنجي ڏمر جو مزو چکائڻ لاءِ، ماڻھن مٿان ڊڪٽيٽر موڪليندي آهي.پر اسين آدم جي اولاد نہ 'ها' ۾ خوش آهيون ۽ 'نڪي نہ' ۾. اسان ٻروچ جي قول مطابق مڙس تہ ڦِرٽو ،گھرٽو، جي اصول ۾ ويساھ رکون ٿا. آخر رب سائين ڪيستائين ڊڪٽيٽر ۽ پوءِ پيغمبرن موڪلڻ جو سلسلو جاري رکندو ،سو هڪ سلسلو پيغمبرن جو ،ڪڏھن ڪو بند ٿي چڪو آهي ،شايد ماڻھن مان پيغمبر مينو فيڪچر ڪرڻ وارو مسالو ختم ٿي ويو هجي.باقي ڊڪٽيٽر تہ اجا هلن پيا .اسان پاڻ هاڻ يارهن سال اهو حليم ڪاٺي بس ڪيو آهي ۽ اجا زبان پو سري پئي ،اکيون آليون آهن ۽ پيٽ ۾ ولوڙ مس وجي جھڪا ٿين پيا.ماڻھن کي جمھوريت ٿئي وٺي. انھيءَ ڪري جو اُن ۾ سختي ناهي. وٺ پڪڙ ناهي، چڪتاڻ ناهي.

تاريخ جي اڀياس مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڊڪٽيٽر سڳورو، پنھنجي شروعاتي دوُر ۾ ،پنھنجي اقتدار جون پاڙون مظبوط ڪرڻ لاءِ ڪيترائي وس هلائي ٿو. ڪيترائي قدم کڻي ٿو. مثال طور ڪيس پنھنجي غير آئيني حڪومت کي قانوني ۽ آئيني جواز ڏيڻ لاءِ ڦٽڪٽو پوي ٿو. ٻيو ،قوم کي هڪ نظريو يا فڪر ڏيئي قابو ڪري ٿو يا مٿن انھيءَ نظريي جو جادو هلائي ٿو. ٽيون تہ ،عوام جي بغاوت يا بدامني کي اثرائتي انداز ۾ ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ، فوج ۽ پوليس کانسواءِ هڪ ٻي خاص ۽ پُر اسرار نئين تنظيم قائم ڪري ٿو. چوٿون ڪم، سرڪاري ملازمن کي پنھنجي پارٽيءَ سان وفادار رهڻ تي مجبور ڪرڻ آهي ،۽ پنجون ڪم اهو آهي تہ پنھنجن دوستن ۽ انھن ساٿين کي، جن ڪيس اقتدار جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي، قابو رکڻ لاءِ ،انھن مان ڪجھ قربان ڪري ڇڏي. آمدنيءَ جي ذريعن تي پنھنجو مڪمل ڪنٽرول قائم ڪرڻو آهي. سڀ کان اهم ڪم اِهو آهي تہ جڏھن ڊڪٽيٽر سرمائيداري واري نظام جي بنياد تي اقتدار ۾ اچي ٿو ،تہ هُو هميشہ انھيءَ نظام کي پختو ڪري ٿو ۽ سرمايہ دار گروهن کي مظبوط ڪري ٿو. پر ڪجھ ٽولن کي اڳيان هٽائي، ڪي نوان ٽولا پڻ پيدا ڪري ٿو ،جيڪي ساڻس وڌيڪ وفادار رهن ٿا. آخري ڪم اهو ڪري ٿو تہ ڪنھن نہ ڪنھن ملڪ سان يا تہ وڙهي ٿو يا جنگي تيارين ۾ مصروف رهي ٿو، تہ جيئن عام ماڻھو ۽ فوج ٻئي ڪنھن پاسي ذهني ۽ جسماني طور تي رُڌل هجن.

هڪ ٻئي جرمن فيلسوف جي منطق ٻڌو. (لڳي ائين ٿو جڻ رڳو جرمن ۽ يوناني فيلسوفن ئي انسان جي ٻيڙي ٻوڙي آهي). جرمن فيلسوف ڪيلسن (Kelson) هڪ نظريو پيش ڪيو آهي. جنھنجو قانوني حلقن ۾ چؤ ٻول آهي. پاڻ سڳورا فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن ڪو غاصب ايترو طاقتور هجي، جو تمام با شعور قومي ادارا کيس وقتي طور تي حاڪم مڃين، ۽ ڪنھن بہ ظاهري مخالفت نہ ڪئي هجي تہ اِهو وقتي حاڪم بہ ملڪ جي قانون ۽ نئين آئين جي بنياد بڻجي سگھي ٿو. واھ سائين! اسانجو ١٩٦٢ع جي دستور جو بنياد اهو نظريوئي هو ۽ انھيءَ مطابق پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ،١٩٥٨ع جي مارشلا جي ڏئين کي، ملڪ جو قانون ڏيڻ جو حقدار قرار ڏنو هو.

١٩صدي يا اُن کان اڳ ڊڪٽيٽر ماڻھن تي Coercion يعني ڏاڍ ۽ Force يعني تشدد ذريعي حڪومت ڪندا هئا. پر پوءِ زماني ۾ قدر بدليا ۽ انھن ٻنھي نسخن کي احتياط سان استعمال ڪرڻ لڳا ،پر انھنجي بدران Persuasion يعني قائل ڪرڻ ۽ Brain washing يعني ذهني طور يقين ڏيارڻ وارا حربا استعمال ٿيڻ لڳا. مثال طور هٽلر سڳوري جو جرمني اڻ پڙهيل نہ هو. اُت اعلي يونيورسٽيون ۽ لائق قابل ماڻھن جي کوٽ نہ هئي ۽ نڪي اقتصادي بد حالي هئي. رڳو هڪ ڪمي هئي، يعني پھرين جنگ عظيم کان پوءِ جرمن قوم پاڻ کي بين الاقوامي سطح تي ڏاڍو ويچارو محسوس ڪُري رهي هئي . هو برتريءَ جا خواهشمند هئا. هٽلر ماڻھن جي دل وٽان ڳالھ ڪئي ۽ ڪيس خبر هئي ماڻھو ڇاڻا چاهين . هن ماڻھن کي نظريو ڏنو تہ جرمن قوم دنيا جي سڀ کان اعلي قوم آهي، ۽ کين اهو حق آهي تہ هو پنھنجو اوچو مقام حاصل ڪن. اهڙي ريت ڊڪٽيٽر هٽلر سڄي قوم کي پوري دنيا جي

Gul Hayat Institute

After my death ,for the nation I shall still be Sun of their rights; my name will be the war cry of their struggle,the slogans of their hopes.
-- Napolean

# قيدي

ليکڪ :فخر زمان

ناول

•



هي ناول اصل ' پنجابي زبان ۾ 'بنديوان' جي نالي سان لکيل آهي. جنهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي حياتيءَ جي انهن گهڙين جو عظيم داستان آهي جڏهن هُو ڪال ڪوٺڙي ۾ ڦاسيءَ جي تختي تائين وڃڻ جي اوسيئڙي ۾ هو. هي ڪتاب ملڪ ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر جي حڪومت ڪري، ڀارت ۾ ڇپيو ۽ جنهنجو انگريزي ترجمو، ملڪ جي مشهور صحافي خالد حسن ڪيو، جو ڀٽي صاحب جو پريس سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. هي ناول هاڻ ماڊرن ڪلاسڪ سمجهيو وڃي ٿو ۽ اِن جا ترجما انگريزي کان سواءِ ٻين بين الاقوامي ٻولين ۾ ٿي رهيا آهن. مصنف فخرالزمان پڻ پنجابي زبان جي صف اول جي اديبن مان آهي جنهنکي ١٩٨٣ع ۾ "انتر راشتري شروماني ساهتڪار" جو ايوارڊ، انٽرنيشنل ايسوسي ايشن آف پنجابي آٽرس ائنڊ آرٽسٽس ڪئناڊا طرفان مليو آهي. سندس ڪيترائي ڪتاب ڀارتي پنجاب جي يونيورسٽين جي نصاب ۾ شامل آهن.

Grass does not grow on the gallows.
--Churchil

سنڌيڪار : غلام نبي مغل

منجهيل پئي لڳو. جوان سياسي ورڪر پورا ڦٽڪا جهليا ۽ هوش ۾ رهيو. هن جا لڱ هر ڦٽڪي کانپوءِ ٿوو ڪنبيا پئي، پر پوءِ ٻئي ڦٽڪي لاءِ تيار هئا. هن پهرين ڦٽڪي کان پوءِ نعرو لڳايو : جيئي جيئي - سدا جيئي. هر ڪنهن سمجهيو پئي ته هُن جو اشارو ڪيڏانهن هو. هن اهي نعرا پهرئين، ٻئي، ٽئين ۽ چوٿين ڦٽڪي تي هنيا، پر پنجين ڦٽڪي کان کان پوءِ رڙ ڪيائين : آمريت مرداباد ۽ پوءِ هر ڦٽڪي کان پوءِ هن نعرا هنيا : عوام جو رهنما جيئي، سدا جيئي. هزار سال جيئي. آخري ۽ ڏهين ڦٽڪي تي هن رڙ ڪئي : انقلاب زنده آباد.

وڏو صاحب پنهنجي آفيس ڏانهن واپس مڙيو ۽ سندس زيردست به پٺيان وڃڻ لڳو. سياسي ورڪر کي ٽڪٽڪيءَ تان لاٿو ويو ۽ کيس اسٽريچر تي ليٽايو ٿي ويو، پر هن چيو ته نه مان پنهنجي ٻن پيرن تي هلندس. هو واقعي اهڙي شان سان هلڻ لڳو، جو کيس ڦٽڪا نه لڳا هئا، پر ڪا گلن جي ورڪا ٿي هئي. ڏيڍ پاسرائيءَ واري ڪمزور جوان، جيل ۾ اهڙي روايت قائم ڪئي جو ٻيا قيدي پڻ انهيءَ ڳالهه تي رشڪ ڪندا ۽ چاهيندا ته پاڻ به ساڳي واٽ وٺي هلن.

وڏو صاحب پنهنجي آفس ۾ ويٺو هو. ڪيس دريءَ منجهان خالي ٽڪٽڪي ۽ پکڙيل رت جا ڇنڊا نظر آيا پئي. هن هڪ وارڊر کي گهرايو ۽ کيس حڪم ڏنو ته ٽڪٽڪي هٽائي، صفائي ڪرائي ڇڏيو.

پوءِ هن دري بند ڪرائي ڇڏي.

The revolution may break up in consequence of any political crises like the Dreyfus Affair or the Zabern Incident.

Lenin.

١٢

پينٽر ۽ سياسي ورڪر کي بي ڪلاس مان ڪڍيو ويو ۽ پينٽر کي ڪجهه هفتا اسپتال ۾ رکيو ويو. پوءِ بند وارڊ ۾ ٻيهر سزا خاطر موڪليو ويو. سياسي ورڪر کي، ڦٽڪن لڳڻ کانپوءِ يڪدم ڪوليءَ ڏانهن موڪليو ويو هو.

'زيڊ' کي روزانو صبح جو ڪوٺڙيءَ مان ڪڍي، ٻاهر ڪُڪڙ بنائيندا هئا ۽ کيس چمڙي جي ٿهيل ڦٽڪي سان سزا ڏيندا هئا. ۽ جڏهن وارڊن محسوس ڪندو هو ته اهو چمڙي جو ڦٽڪو صحيح نه لڳو آهي، ته رڙ ڪندو هو ته صحيح طريقي سان هڻوس، ته هن شاعر جي پٽ کي خبر پوي ته سرڪار خلاف نظم لکڻ جو ڇا حشر ٿيندو آهي. جڏهن وڏي صاحب جو دؤرو هوندو هو ته پوءِ اها سزا ڏوم ڏام سان ڏيندا هئا.

'زيڊ' جا پٺا به پو سرائڻ لڳاندا هئا. انهيءَ روز روز جي سزا ڪري، کيس هاڻ ڪو وڏيڪ سور محسوس نه ٿيندو هو، رڳو سُئيءَ جي چيڪي وانگر لڳندو هو. ڪل به سخت ۽ بي جان پئي لڳي. اهڙي سزا رڳو کيس نه پر ٻين کي به ملندي هئي. انهيءَ جو مطلب اهو هو ته سيني کي خبر پوي ته قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن کي سزا ملي ٿي. ڪجهه قيدي ڦٽڪن کائڻ مهل ڦٽڪا هڻندڙن، جيل جي اسٽاف ۽ سپرنٽنڊنٽ کي به گاريون ڏيندا آهن. اهڙن قيدين کي ٻيهر سزا پڻ ملندي آهي. ڪين يا ته ٽي چار گارڊ گڏجي مار ڪڍندا هئا يا ڪين اونڌو لٽڪائي ڇڏيندا هئا ڪنهن مهل ڪين لوهي سيخن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٻڌي ڇڏيندا هئا ۽ لوهي ڏنڊا، ٽنگن سان ٻڌي ڇڏيندا آهن ته جيئن ٽنگون سڌيون ئي رهن. انهيءَ آزار کان بچڻ لاءِ، ڪيترا قيدي معافي گهرندا آهن ته آئينده نيڪ ٿي جيل ۾ رهندا. ڪي سدائين جيل جا قاعدا ٽوڙيندا آهن ۽ سدائين پيا سزائون ڀوڳيندا آهن. ڪي اهڙا قيدي جيڪي سزائون ۽ عقوبتون سهڻ کان پوءِ به لاڳيتو نافرماني ڪندا آهن ۽ سزا به کائي سگهندا آهن، تن کي اڪيلو ڇڏي ڏيندا آهن ۽ سندن رتبو 'ڊانڊرس' وارو ٿي پوندو آهي. يعني خطرناڪ ۽ سخت جان!

وڏي صاحب حڪم ڏئي ڇڏيو هو ته پينٽر ۽ سياسي ورڪر کي روز چمڙي جو ٿهيل ڦٽڪو، پنج دفعا هنيو وڃي، ۽ هڻڻ وقت هر ڀيري کين چيو وڃي ته اڃا تصويرون ٺاهيندين يا اڃان حڪومت جي خلاف تقريرون ڪندين؟

'زيڊ' ۽ سندس ٻن ساٿين کي هاڻ لاڳيت بند ڪوٺڙيءَ ۾ رکيو پئي ويو سواءِ انهيءَ اڌ ڪلاڪ جي، جڏهن کيس ٻاهر ڪڍي عقوبت ٿي ڪيائون. هڪ ڏينهن ڪوٺڙيءَ ۾ هڪ نئون قيدي آيو، جنهن تي اهو الزام هو ته هُو بيرڪ ۾ قيدين جي سڄي رات ننڊ ڦٽائي ٿو ۽ سڄي رات لوڪ گيت ڳائي ٿو. سنڌي ۽ پنجابي. کيس ڪيترا ڀيرا وارننگ ملي چڪو هو پر کيس ڪا پرواهه نه هئي. آخر ڪار معاملو وڏي صاحب تائين پهتو، جنهن کيس بند وارڊ ڏانهن سزا طور موڪليو.

ٻئي ڏينهن صبح جو کيس ڪوٺڙيءَ مان ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ ڪائونس وارڊر پڇيو، "اڃا ته تون آهين، جيڪو سدائين پيو ڳائي؟ سهگل جي اولاد."

"ڳائڻ منهنجي زندگي آهي. جيتري مونکي سزا ڏيندا اوترو مان وڌيڪ ڳائيندس." وارڊر کيس هڪ چمڙي جو ٿهيل ڦٽڪو هنيو ۽ چيو، "هاڻ ڳاءِ ته اسين به ٻڌون."

هن ڳائڻ شروع ڪيو :

درياهه جي سير منجهه،

ڪو ٻوٽو اسريو،

۽ مان اڪيلائپ ۾ وڪوڙجي ويس،

مون رت ڏيئي اُن کي اُپايو.

## هن مهيني جي شخصيت

# تنوير عباسي

جنم : ڊسمبر ١٩٣٤ع، سوڀو ديرو ضلعو خيرپورسنڌ.

تعليم: ڊاڪٽري (١٩٦٠ع)

ڇپيل ڪتاب : رڳون ٿيون رباب (شعر) ١٩٥٨ع ۽ ١٩٧٩ع
شعر(شعر) ١٩٧٠ع
سج تري هيٺان(شعر) ١٩٧٧ع
هي ڌرتي (شعر) ١٩٨٥ع
ٻارڙا ٻول (مرتب) ١٩٧٥ع
جديد سنڌي شاعري (مرتب) ١٩٨١ع
شاهه لطيف جي شاعري(نثر) پاڳو پهريون ١٩٧٦ع
شاهه لطيف جي شاعري (نثر) پاڳو ٻيون ١٩٨٥ع
نانڪ يوسف جو ڪلام(ريسرچ)١٩٨٢ع
خير محمد هيسباڻي جو ڪلام(ريسرچ) ١٩٨٣ع
ڏوري ڏوري ڏيه( سفر نامو) ١٩٨٤ع
جي ماريا نه موت (نثر -ترجمو) ١٩٧٣ع ۽ ١٩٧٧ع
ترورا (مضمون، خاڪا ۽ سفرنامو) ١٩٨٨ع
سرمست (سهڙيندڙ) ٨ ڀاڱا ١٩٨٠ع کان ١٩٨٨ع

Gul Hayat Institute

سفر: انگلينڊ، فرانس، اٽلي، هالينڊ، يونان، عرب امارات، آمريڪا ۽ اوڀر جرمني.

ٻولين جي ڄاڻ : سنڌي،اردو، انگلش، سرائيڪي، فرينچ، فارسي۽ هندي(پوين ڏنهين ٻولين جي ڄاڻ ڪم ڪيڻ تائين.)

تنوير عباسي

## آدر ڀاءُ

ٻوٽين ٻهر جو ڏيئو آهيان
آءَ وهائو ٽاري جو
آدر ڀاءُ ڪريان ٿو.
پوٻاڙيءَ جو پاڇو آهيان
ٿنهن لڪ پرهه ڦٽيءَ جو
آدر ڀاءُ ڪريان ٿو
چنڊ ڙ ٻنڪڙيءَ مان آهيان
چيٽ جي ڦوٽهڙي جو
آدر ڀاءُ ڪريان ٿو

## وائي

تنهنجي نيڻ نهار
جهڙي منڊ بهار
ڪڻ اڪيون ڪِلُ يار تون.
وهُ وها ٿيل تو بنا
لڳي سجو سنسار
ڪڻ اڪيون ڪِلُ يار تون.
جيئڻ سي جو جڳ ۾
الفت جي آڌار
ڪڻ اڪيون ڪِلُ يار تون.
تنهنجا ٿهڪ ترڙي پيا
من تان لٿو غبار.
ڪڻ اڪيون ڪِلُ يار تون.
سِڪَ وارن جي سوچ آ
دين دنيا کان ڌار
ڪڻ اڪيون ڪل يار تون.

Gul Hayat Institute

سُهڻي

# تنوير عباسي



هر ڪو ماڻهو موتي ٓ جو داڻو،
هر ڪا دل هيري جي ڪاڻ.

ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهاڻ،
هر ڪنهن جي اک آهي آلي.

Gul Hayat Institute

سُهڻي



Gul Hayat Institute

سُهڻي

جيڪو بہ جنهن سان عشق جي خود ابتدا ڪري
ان جو ئي فرض آهہ تہ هو انتها ڪري

منهنجو تہ وار وار تو دم دم دعا ڪري
ڪو سو لڳي نہ واءُ سڄڻ کي خدا ڪري

آزاد سو وري نہ ٿئي تا دم حيات
جنهن کي جڏهن اسير تو زلفِ دوتا ڪري

هڪ سِر هو سو تہ يار جي قدمن تي مون رکيو
هن کان وڌيڪ بندهٔ ناچيز ڇا ڪري

منهنجو نہ ڏوهہ ڇنبو اکين جو قصور آهہ
وٺيون الاجي عشق ۾ هو ڇا مان ڇا ڪري

اڳرو قدم اي طالب مولا ڪڏهن نہ ڪڻ
تنهنجو پلي حريف ئي هر ابتدا ڪري

مخدوم طالب المولي
جي غزلن جا ڪجهه بند

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

# آرسي

۱- جم جي تاريخ (سن ڄمڻ نه چاهيو ته نه لکو)
۲ نشان؟ZODIAC

۱ - ۲ -مونکي ڄمڻ وقت سور ته امان الائي ڪيترا ڪلاڪ ڪاڍا هوندا. باقي ٻڌو اٿم ته آگسٽ جي ۷ تاريخ هئي ، ۱۹۴۷ع جو سن هو. وقت هو ۱۱وڳي جو... اهوئي سبب آهي جو ، منهنجي شناختي ڪارڊ تي فوٽو جي جاء تي لکيل آهي 'پرده نشين' . پنهنجو نالو به جيئن ته مون پاڻ ڪونه رکيو ، ان ڪري صحيح ڪرڻ جي جاء تي نالي بدران نشان لڳل اٿم ساڄو آڱوٺو. هيٺ لکيل آهي مسمات خيرالنساء جعفري. هونئن مونکي گهڻو ڪري گهر ۾ 'گڏي' سڏيندا آهن.

۳- 'تخليق جو موت' ڪانپوءِ، ادب مان ذري گهٽ غائب آهيو- ڇو؟

۳ - اهو ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. ڪهاڻين نه لکڻ سان مطلب آءُ پانيان ٿي هرپرو ادب مان نڪري وڃڻ ڪونهي. مون ان ڪان پوءِ ڪوڙ سارا پيش لفظ ، تقريرون ۽ مضمون لکيا آهن... جيڪي آءُ پانيان ٿي 'تخليق جي موت' کان وڌيڪ وزندار ۽ جاندار آهن.

٤- ڪهاڻيون سرجن ڪونه ٿيون، يا پاڻ ڪهاڻي بنجي ويا آهيو؟

۴ - واقعي ڪهاڻيون هاڻ ذهن ۾ سرجن ڪين ٿيون - پاڻ ڪهاڻي بنجي پيئي آهيان. ان ۾ منهنجي مرضيءَ ڪي دخل ڪونهي. هونئن بيمار به رهڻ لڳي آهيان. امان جي مري وڃڻ کان پوءِ ، جيئن ته سندس نالو شيرين هو ، زندگيءَ مان ته هونئن ئي شيريني ختم ٿي وئي هئي ، نتيجي ۾ 'شگر' جي مريض ٿي پئي آهيان. پٽي ۾ پٿر ٿي پيا آهن ، سو اندران ئي اندران به سنگسار ٿي پئي آهيان. اهي پٿر اهڙا لڳا دل کي ، جو دل تي به زخمن جا نشان اڇي ويا آهن ، جو تازو Heart Attack مان اٿي گهر آئي آهيان.

۵- نفسيات کي پڙهائيندي پڙهائيندي، نفاسيت جا ماهر ٿيا آهيو؟

۵ - نه. ماهر نفسيات نه ٿي آهيان. پڙهائيندي پڙهائيندي (ماڻهن جا پير سُڪندا آهن) ، منهنجو ذهن سُڪي ويندو آهي... اڪثر سوچيندي آهيان ته جيڪڏهن انسان ۾ ئي خدا آهي ته پوءِ هڪ نُڪتي جي غلطي سبب انسان ڪان ايڏو جدا ڇو آهي.

٦- زندگيءَ جو ڪهڙو حصو سٺو گذريو؟

٦ - جيڪو حصو ماءُ جي پيٽ ۾ گذريو- اهو يقينن آرامي هو.

۷- لکڻ ۾ اڪثر احتياط نه ڪندا آهيو. زندگي گهارڻ ۾ ڪڏهن احتياط کان ڪم ورتو؟

۷ - ڪڏهن به نه.

۸- جڏهن به ڪنهن تي تنقيد ڪئي اٿوَ، بيباڪيءَ سان ڪئي اٿوَ— اهڙي تنقيد برداشت به ڪندا آهيو؟

۸ - نه. پاڻ تي تنقيد برداشت شايد نه ڪري سگهان. اهڙو ڪو موقعو هوندو آهي ته پاڻ ئي تنقيد ڪري ، پاڻ کي ڦٽي ڇڏيندي آهيان - باقي ٻين کي موقعو نه ڏيندي آهيان.

۹- ڪا اهڙي شيءِ وئي آهي، جنهن جي وڃڻ جو ڏک ڪڏهن نه ٿيو؟

۹ - اهي پٽي جا پٿر جيڪڏهن وڃن هليا ته جيڪر ڏک ته ڇا خوشي ٿيئم. جيتوڻيڪ انهن پٿرن کان به ڪم وٺي سگهجي ٿو - مثال طور شيطان کي هڻي سگهجن ٿا.

۱۰- ڪو اهڙو ماڻهو، جنهن جي وڇڙڻ جو ڏک نه ٿيندو هجي؟

۱۰ - ها. مون واري ڌيءَ جو پيءُ.

**١١- بي انتها نفرت ڪهڙي ڳالھ کان؟**

١١ - ڪنجو سيءَ کان.

**١٢- محبت ڪنهن سان اٿوَ؟**

١٢ - گهڻيون محبتون ڪيون اٿم. پر فيصلو ڪري نہ سگهي آهيان تہ شديد ڪنهن سان هئي / آهي. هڪ محبت جا سيني تي حاوي هئي، جنهن جيارڻ جي بدران ڪاري ۽ ماري ڇڏيو. اها هئي - امان سان. پر اها خبر مونکي ڏاڍي دير سان پئي.

**١٣- ساھ تہ ڪڻندا آهيو. پر سک جو ساھ بہ ڪڏهن ڪنيو؟**

١٣ - روز ڪڻندي آهيان. روز صبح جو اٿندي پهريون ساھ ڪڻڻ منهنجي لاءِ Indicator جو ڪم ڏيندو آهي تہ اڄ مونکي ڇا ڇا ڪرڻو آهي. جيڪو ڪرڻو هوندو اٿم، حتي الامڪان ڪري ويندي آهيان - اهو منهنجي ظاهري شخصيت جو روپ آهي. پر رات جو ٿڪجي پوندي آهيان - اڪثر ذهني طرح... اڪثر جسماني طرح... اڪثر روحاني طرح. پوءِ سخت گرمي ۾، پنهنجي جسم تي سوڙ تاڻي A.C فُل ڪري، ان جي پاسي ۾، پٽ تي پوندي آهيان - الاهي ڇو، مونکي لڳندو آهي، ٿورو ٿورو جهڙو ڪر امان جي ڪڇ ۾ آهيان. اهڙي ويل لاشعوري طور مونکان ٿڌا ساھ نڪرندا آهن ۽ انهن کي ئي آءٌ سک جو ساھ سمجهندي آهيان.

**١٤- حيدرآباد جي موجوده حالتن کي ڏسي، ڇا محسوس ڪندا آهيو؟**

١٤ - اهو سوال تہ اوهين بينظير کان پڇيو. مون تي حيدرآباد جي پَٽِ ڪانہ پئي آهي. منهنجي گهر ڪٺا گهٽا آهن پر مون ڪڏهن گهر ۾ 'ڪٺا مار' ناهي رکي.

انهيءَ ڏينهن ذوالفقار سيال سان شام ملهائي هئي اسان وارن سنڌين. تقرير ڪرڻ لاءِ مونکي بہ سڏ ڪيو هئائون. مون ڪين رڳو ڏيان ڏياريو تہ اوهين هتي غافل ٿي شامون ملهائڻ ۾ ويهي رهيا آهيو... گهر وڃو ۽ وڃي پنهنجا ٻار ڳڻيو.

الائي ڇو، تقرير ڪندي ان وقت مونکي خواجا احمد عباس جي ڪهاڻي جو ٽڪر ياد آيو:

ڪنهن ملڪ ۾ فاشزم جي خلاف نوجوانن هڪ جلوس ڪڍيو. نوجوانن سان اسڪول جا ٻار بہ جلوس ۾ شامل ٿيا (بلڪل ائين، جيئن هتي اوهين اڪثر ڏسندا آهيو تہ ننڍڙا ٻار بيج هڻي، پنهنجي حقن جي خيرات گهرندا آهن). انهن ٻارڙن مان هڪ ٻار ماءُ کي اڪيلو پٽ هو. باقي ٻارن جي مائرن پنهنجي ٻارڙن کي ننڍڙا بيج ٽاهي ڇاتيءَ تي هنيا هئا. پر ان ماءُ پنهنجي ٻار کي جلوس ۾ شامل ڪرڻ نہ چاهيو، سو بيج بہ ٽاهي نہ ڏنائين. ٻار پنهنجي اسڪول ۾، پنهنجي ساٿين کي ڏٺو. پنهنجي ڪتابن مان بائيبل ڪڍيو، بائيبل کي اڌ مان کولي ڇاتي تي رکي، جلوس ۾ شامل ٿي ويو. دشمن جي پهرين گولي بائيبل جي انهن صفحن کي چيريندي، ٻار جي دل جي هن پار هلي وئي، جن صفحن تي لکيل هو: 'هڪ انسان جو رت ٻئي انسان جو محافظ آهي. هڪ انسان جو رت ٻئي انسان تي وهائڻ حرام آهي.' ان بائيبل تي اڄ بہ، ان ٻار جي رتَ جا نشان موجود آهن.

دوستو، اوهين بہ پنهنجي گهرن ۾ وڃو پنهنجا ٻار ڳڻيو. پنهنجي قرآنن جا غلاف لاهي ڏسو، انهن تي بہ رت جا نشان...

**١٥- ڪهڙو ليکڪ وڻي ٿو؟**

١٥ - هر اهو ليکڪ جيڪو جو بہ لکي ٿو، پنهنجي صلاحيت تي لکي ٿو. هِتان هُتان جملا ڪٽي، مختلف ٽڪرن جي رلهي ٽاهي، پنهنجي ٻوٽ تي ويڙهي ٻئي کي بيوقوف بنائڻ جي ڪوشش نٿو ڪري.



Gul Hayat Institute

# لطيفان

نجم عباسي

چوڪريءَ جي عمر سورنهن سال هئي. سڪئي گهر جي هجي ها تہ بدن پريل هجيس ها ۽ پريل بدن جون پريل گولايون ۽ پريل اُڀار هجنس ها، هن جو بدن سڪل سڙيل ۽ نہل نستو هو، نہ ساماڻائپ واري سونهن، نہ جوڀن جو جرڪو. اکيون بي رنگ ۽ منهن رونق کان خالي. ۽ هينئر تہ مرڻ جيئڻ جي ڇڪتاڻ ۾ ڦٿڪي پئي. هن اهڙو موتمار قدم ڇو کنيو هو؟

لطيفان ڏاڍي چنتا ڀري حالت ۾ اسپتال آندي ويئي. هوءَ آٽ ڏيئي رهي هئي ۽ پيٽ جي سور کان ليٽڙيون پئي پاتائين. ڊاڪٽر سهاڳ کي ٻڌايو ويو تہ هن کي پيشاب ۾ رت اچي رهيو آهي. ڊاڪٽر هن جي چڪاس ڪئي. هن جي اکين ۾ سائي هئي ۽ بيحد ضعيف ٿي ويئي هئي. هن جي منهن مان پيڙا ۽ پيلاڻ سان گڏ معصوميت ۽ بيوسي بکي رهيون هيون.

"ڏاڪدر صاحب! ڇوڪريءَ ساري رات اک نہ ٻوٽي آهي ۽ الٽيون ڪندي رهي آهي ۽ پيٽ ۾ وٽن سبب وٽجندي رهي آهي." لطيفان جي ماءُ ٻڌائڻ شروع ڪيو.

"ڪجھ ڪاٿو آهي تہ اها تڪليف شروع ڪيئن ٿي؟" ڊاڪٽر دريافت ڪيو.

"ڊاڪٽر سائين! اها... اها هينئن شروع ٿي،" وچ ۾ لطيفان هٻڪندي چيو. "اها تڪليف تڏهن شروع ٿي جڏهن مون فنائيل جون ڪجھ گوريون کائي ڇڏيون. اهي ئي فنائيل جون گوريون، جي ڇڙن جيڏيون ٿينديون آهن ۽ جيتن جڻين کان بچائڻ لاءِ اوني ڪپڙن ۾ رکبيون آهن."

پيڙا سبب لطيفان جو چهرو ڪارانجي ويو. هن جو سڄو سرير سيٽجي ويو ۽ اکيون زور سان بند ڪري، چپ پڪوڙي، ٻنهي هٿن سان پنهنجي پيٽ کي ڪٽي ڏٻايائين.

لطيفان جي ڳالھ ٻڌي، ڊاڪٽر جي بدن ۾ سيانو پئجي ويو ۽ هنجي زبان ڇرڻ پرڻ ڇڏي ڏنو. هن ڇوڪريءَ ڏانهن ڇتائي ڏنو. هنجي چمڙيءَ تي مَرُ جا تھ چڙهيل هئا ۽ هنجا ڪپڙا جُهريل، ميرا ۽ ڳپ هاڻا هئا. هن مان ڏاڍي ڌپ اچي رهي هئي. ڳالهين ڪرڻ جو وقت ڪونہ هو. ڊاڪٽر کي لطيفان لاءِ پنهنجائيءَ واري همدردي ۽ هن کي هر قيمت تي بچائڻ جو جذبو جاڳي پيو.

هو هن کي ترت علاج ڏيڻ ۾ جنبي ويو ۽ پنهنجي نائب ڊاڪٽرن کي بہ لطيفان تي پورو توجھ ڏيڻ لاءِ چيائين. هن کي هڪدم سور لاءِ سئي لڳائي ويئي ۽ گلوڪوس جي بوتل چاڙهي ويئي ۽ ٻيا ضروري ذريعا ڪتب آندا ويا.

هن جي ماءُ چنتا ڀري انتظار مان پنهنجي نوجوان ڌيءُ ۽ ڊاڪٽرن کي ڏسندي، گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي. هوءَ صفا سنهي سيپڪڙي هئي ۽ پنهنجي عمر کان گهڻو جُهور لڳي رهي هئي. هن جا چپ آهستي آهستي چُري رهيا هئا، شايد ڪا دعا گهري رهي هئي.

ڊاڪٽر سهاڳ، لطيفان جي بستري پرسان ڪرسيءَ تي ٿي ويٺو، ۽ هن کي ڏاڍي پاٻوهہ مان تسلي ڏيندو ۽ مرڪ سان همٿائيندو رهيو. هو ڇڻ ڪجھ ڪجھ تہ سمجهي ويو هو، تڏهن بہ هن کي عجب لڳي رهيو هو تہ هيڏڙي عمر ۾، هيءَ معصوم ڇوڪري ڇو انتهائي قدم کڻڻ تي مجبور ٿي آهي!

نائب ڊاڪٽرن ۾ ٻہ غير سنڌي هئا. هنن پاڻ ۾ سس پس ڪئي ۽ پوءِ ڊاڪٽر سهاڳ کي چيائون، "صاحب، هي آپگهات جو ڪيس آهي، هڪدم پوليس کي اطلاع ڪرڻ گهرجي."

"ها صاحب، بنا دير رپورٽ ڪرڻ



Gul Hayat Institute

بابو يا پاءُ جيکي شيون گاڏي تي وڪڻندا هئا، تن ۾ فنائيل جو گوليون بہ هونديون هيون. انهن شين مان ڪجھ شيون گهر جي هڪڙي ڪنڊ ۾ رکيل ڪوڪي ۾ پيون هونديون هيون. انهن ۾ اهي گوليون بہ هيون."

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر سهاڳ، لطيفان کي هڪڙي تجويز ڏني. "مون وٽ تو لاءِ هڪ تجويز آهي. خبر ناهي تون مڃيندينءَ الائي نہ؟"

لطيفان هن جي مهربان ۽ مرڪندڙ مک ڏي نهارڻ لڳي.

"مان چاهيان ٿو تہ توکي سلائيءَ جي مشين وٺي ڏيان، جيئن تون اوڙي پاڙي جي سلائيءَ جو ڪم ڪري، پنهنجي گهر وارن جو خرچ هلائي سگهين."

"پر سلائي نہ مونکي اچي ۽ نہ منهنجي ماءُ کي."

"ان لاءِ بہ مون سوچيو آهي تہ سلائي سيکارڻ واري ڪنهن اسڪول ۾ داخلا وٺ، توکي فقط هڪ مهينو اها سکيا وٺڻي پوندي ۽ اسڪول جي في بہ مان ڀاڻ ڀريندس."

هوءَ ڪافي دير ڏاڍي سوچ ۾ پئجي ويئي.

"مان اول ئي توهانجي الاهي احسانن جي بار هيٺ آهيان، توهان تي وڌيڪ بار وجهڻ مناسب ناهي."

"ڌيءُ جو بہ ڪو ڏيءُ تي احسان ٿيندو آهي ڇا!؟ ڌيءُ جو بہ ڪو ڏيءُ تي بار ٿيندو آهي ڇا!؟ تون بہ تہ منهنجي ڌيءُ آهين."

"پر مان اهڙي خود مطلب نہ ٿيندس. توهانکي وعدو ڪرڻو پوندو تہ توهين اهي پئسا مون کان واپس ضرور وٺندا. پوءِ ڪٿي مونکي ان ۾ دير ٿي وڃي يا قسطن ۾ ڏيان. مان واعدو ٿي ڪريان تہ سلائيءَ جي ڪم ۾ ڏاڍي محنت ڪنديس، ضرورت پئي تہ چوويھ ئي ڪلاڪ پورهيو ڪنديس." لطيفان جي گفتگوءَ مان خود اعتمادي، زندگيءَ سان چاھ ۽ جيئڻ جو نئون اتساھ ڇلڪي رهيو هو.

"جي تو ايڏي محنت ڪئي تہ تون پنهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن کي اسڪول بہ موڪلي سگهندينءَ. مون اڄا بہ ٻيو سوچيو آهي تہ مان تنهنجي پيءُ جي سلسلي ۾ سرڪار جا آڇيل پنجاھ هزار رپيا ڀڻ ڏيارينديس. مان سڀ لاڳاپيل ڪاغذ هٿ ڪندس، هنگامن ۾ ستايل سنڌين جي امداد لاءِ سنڌي وڪيلن جي ڪاميٽيءَ وٽ بہ ويندس ۽ سنڌ قومي اتحاد وارن جو بہ سهڪار حاصل ڪندس ۽ ٻيو بہ هر حيلو هلائيندس. اهو توهانجو حق آهي ۽ مونکي اعتماد آهي تہ اهو توهانکي ملي ويندو. پوءِ توهان پنهنجي لاءِ ڪو بهتر گهر بہ وٺي سگهندا."

ڊاڪٽر ماٺ ٿي ويو. هن کي دل ۾ ويچار آيو تہ هي هيتريون تجويزون ۽ سٽاءَ جيکي لطيفان کي ٻڌايا اٿم، سي سپنو ئي رهندا يا ساڀيا جو روپ بہ وٺندا.

لطيفان بہ نظرون هيٺ ڪري سانت ٿي ويئي. هن جون اکيون آليون ٿي ويون هيون.

"پر بابا، توهان پنهنجن پئسن وٺڻ جي تہ ڳالھ ئي ڪانہ ڪئي."

"مان پنهنجي ڌيءُ کي ڪيئن ٿو احسان جتائي سگهان. جڏهن ڪو احسان ئي ڪونهي تہ وڌيڪ ڳالهائي منهنجي دل کي رنج نہ ڪر."

لطيفان روئي ڏنو ۽ ڪو وقت رئندي رهي.

◉هڪ غلام پريس ٻيٽي مهلڪ آهي. اِها نہ رڳو حقيقتن کان بي خبر رکي ٿي، پر تباهي ڏانهن بہ ڌڪي ٿي.

چارلس ڪالب ڪالٽ.

◉پريس تي پابندي وجهڻ، هڪ قوم جي بيعزتي ڪرڻ آهي. ڪتابن پڙهڻ تي پابندي، اهوئي ظاهر ڪري ٿي عوام کي بيوقوف يا غلام بنايو پيو وڃي.

ڪلاڊائدرائن.

◉پريس ضرور آزاد هئڻ گهرجي. آزاد پريس ڪيترين ئي خرابين دور ڪيون آهن. جيڪڏهن گورنمينٽ پريس کي پاڻ ڏانهن ناراض ڏسي تہ پريس تي سختي ڪرڻ بدران، پنهنجو تجزيو ڪري ان تي انهيءَ جو ڪارڻ ملي ويندو.

ٿامس ارسمن.

◉ادب جو زوال، قوم جي زواليت جي نشاندهي ڪري ٿو.

جان وولف گينگ.

Gul Hayat Institute

# ڀاڄوڪڙ

ليکڪ: سويو گيانچنداڻي
سنڌيڪار: انوار پيرزادو

هيءَ ڪهاڻي Truant ۱۹۴۰ ۾ شانتي نڪيتن ڪاليج جي انگريزي ميگزين لاءِ لکي هئي. سنڌ جي ڀهراڻين ۾ اج به حالتون ساڳيون آهن.

سويو گيان چنداڻي



وچ سانوڻيءَ جي ڪاڙهي واري رات هئي. وقت لڳ ڀڳ ڏه وڳا هجن. ڳوٺن ۾ گهڻو ڪري هن وقت تائين سڀ ڏينهن جي سخت پورهيي ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجين کٽن تي ڏاڍو آرام سان کونگهرا پيا هڻندا آهن.
پر اڄ رات ڏاڍي رُڳه هئي ۽ مڇرن جا لشڪر به پنهنجا ساز ۽ آواز ماڻهن جي ڪنن ۾ وڄائڻ تي ضد ڀڏيو بيٺا هئا. پر ان کان به وڌيڪ جا ڳائيندڙ چلم جي ٻُڙ ٻُڙ جا آواز هئا.
هو چلم کي تازو ڪري اوطاق ۾ رکي اچي سهڙيا هئا ۽ سڀ ڏينهن جا حال احوال ۽ منهنجي واپس ڪاليج وڃڻ جي تيارين بابت پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. منهنجي وئڪيشن پوري ٿي وئي هئي ۽ سڀاڻي صبح جو سويل مونکي روانو ٿيڻو هو.
مان ننڊ جي چنتا ۾ هوس، پر هڪ گرمي ۽ ٻيو اهڙن پيارن ڳوٺ جي ماڻهن ۽ مائٽن کان وڇوڙي جا اُگرا احساس ننڊ ڪرڻ نه پيا ڏين. سو اکيون ٻوٽي کٽ تي ليٽيو پيو هوس ته جيئن ڪاليج بابت پنهنجن بزرگن جون ڀاراٽيون ڳالهيون ۽ اجايا سوال ڪن لاٿار ڪري ٽاري سگهان. پر تنهن هوندي به هنن جون اجايون سجايون ڳالهيون پئي ٻڌم. هوريان هوريان هڪ ڪانپوءِ ٻيو ۽ ٻئي ڪانپوءِ ٽيون، اوٻاسيون ڏيندو، اٿندو ۽ هلندو ويو ۽ باقي وڃي بچيو اسان جو چوڪيدار رمضان جيڪو اسان جون ڳئون ۽ مينهون چاريندو هو.
رمضان هڪڙو ڳجهارت جهڙو ماڻهو هو. ڳالهائيندو گهٽ هو، پر ڳالهائڻ سان گڏ زور زور سان کلندو گهڻو هو. تهڪن سان گڏ ڳالهائڻ ۾ هو سيني کان ڪسر ڪٽي ويندو هو. معمولي چرچي يوڳ تي ايترو ته کلندو هو، جو لڳندو هو ته ڄڻ هن کي دؤرو پئجي ويو آهي. هن جا ٽهڪ ٻڌي اسانکي به اچي کِلَ ورائيندي هئي ۽ کِلي کِلي پيٽ ۾ سور پئجي ويندو هو. هن جي مضبوط هاڻي ۽ قَدِ تي ڏسي منهنجي ٻاراڻي دل موهجي ويندي هئي. لکڻ هٿ ۾ کنيو، ڪڙائين نموني عربن جي نسل وارن ماڻهن وانگي، توريل تڪيل قدم کڻندو مال کي چارڻ لاءِ جڏهن روانو ٿيندو هو ته هن جا "هو - امان - هو" جا آواز ايترو ئي وڻندڙ لڳندا هئا، جهڙو هو پاڻ هو.
مون ٻڌو هو ته جڏهن هو اسڪولي ٻار هو، تڏهن پنهنجن مائٽن وٽان ڀڄي ويو هو. انڪري مونکي هن جي جيون ڪٿا ڄاڻڻ جي ڏاڍي اُتڪڻ هوندي هئي.
"رمضان، هن رُڳه ۽ مڇرن ۾ ننڊ نه ٿي اچي. ڪا ڳالهه ته ڪٿي ٻڌاءِ." مون چيو.
"سائين اسان ڄٽ ماڻهو، توهان کي ڪهڙيون ڳالهيون ڪٿي ٻڌائيندا سي. مان توهان کي وڃڻي جي هوا ٿو ڏيان، توهان ننڊ ڪريو، چو ته توهان کي صبح سويل روانو ٿيڻو آهي."
"نه نه - اڄ رات مان ننڊ نه ڪندس. تون مونکي اُها ڳالهه ٻڌاءِ ته تون مائٽن جي گهر مان ڇو ڀڄي ويو هئين. ايترا ورهيه ڪٿي هئين ۽ ان وچ ۾ حياتي ڪيئن گذاريئي."
"سائين، منهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙي ڪهڙي دلچسپ ڳالهه آهي، جيڪا توهان ٻڌڻ لاءِ ايڏو منتظر آهيو. مان ته هڪ بيوقوف ماڻهو آهيان ۽ شايد اڳتي به رهندس."
"ڳالهه جيئن به هجي، مونکي سچ سچ ٻڌاءِ ۽ جي ننڊ اچي ته جاڳائي به ٻڌاءِ." مون ٻاراڻو ضد ڪيو.
هن اُٿي پاڻيءَ جو هڪ گلاس پيتو. پنهنجي ڪونيءَ مان حقو ڪٽي آيو ۽ ڪنگهي کُنگهي، شروع ٿي ويو:
"سائين، مان هڪ معزز خاندان جو



Gul Hayat Institute

ڪي حل ڪري ڇڏيو. صبح جي چانهه ناهي ننڊ مان اٿاري اَچي ڏيندو هو ،۽ پاڻي لاءِ صلاح ڏنائين تہ هڪ مٽُ ونجي ، جيڪو روز پخاليءَ کان ڀرائجي. ڏاڍي ادب ۽ سڪ مان چوندوهو ،"سائين باقي اسان اوهان کي ڪڏهن ڪم ايندا سي".

مٽُ جا پئسا ورتائين .ان زماني ۾ ڏهہ ٻارهن آنا ڪن ٿيندا هئا. ٻئي ڏينهن صبح جو چانهہ ڏنائين تہ مٽُ جو پڇيو .چيائين ، " سائين ڪمال ٿا ڪريو. باقي اسان ڇا لاءِ آهيون. اڃهو ٿو بالٽي ڀري اچان. اسانجي هوندي اوهان پخالين کان مٽُ ڀرايو ؟"

۽ پوءِ ٻہ ٽي ڏينهن صبوح جو بالٽي ڀرجي ملندي هئي. مان تذڪار ۾ وهنجي سهنجي تازو توانو ٿي ڪاليج ويندو هئس. هڪ ڏينهن عمر کان پڇندس تہ"پاڻيءَ جي بالٽي ڪٿي آهي؟ "تہ عمر اوچتو ڦرڪو ڪائي چوندو.

"ڇا جي بالٽي ؟ روز روز پاڻيءَ جي بالٽي؟مان ڪو واهہ آهيان، ڪا اڏ آهيان، ڪو واٽر ڪورس آهيان، جو روز پاڻي پهچايان."

۽ ان ڏينهن بنا وهنجڻ جي ڪاليج هليو ويندس .شام جو حميد ۽ مجيد ٻڌائيندا تہ ڀنگ جا پئسا ڪٽا هوندس ، انڪري پاڻيءَ ڀرڻ کان جواب ڏنو اٿائين. ان شام جو وري اٺ ڏهہ آنا ڪڍي ڏيندومانس ۽ چوندو مانس تہ"عمر ،سياڻي مٽُ آڻي ڏجان تہ پخاليءَ کان ڀرايان. تو کي پاڻيءَ ڀرڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي."

ان رات جو عمر 'ٽاٽ' هوندو ، ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن صبح جي چانهہ آڻيندو ۽ مان مٽُ جو پڇندومانس تہ ساڳي ادب ۽ سِڪ مان چوندو ،"سائين ڪمال ٿا ڪريو. باقي اسان ڇا جي لاءِ آهيون. اڃهو ٿو بالٽي ڀري اچان ،اسان جي هوندي اوهان پخالين کان مٽُ ڀرايو."

۽ اهو سلسلو سال ڏيڍ تائين هلندو آيو .جيسيتائين مان ڪرشنا هال ۾ هئس.نہ ڪو مٽُ آيو ، ۽ نہ ئي وري عمر بدليو. ٽئين چوٿين ڏينهن اهو راڳ تہ"مان ڪو واهہ آهيان.ڪا اڏ آهيان.ڪو واٽر ڪورس آهيان ،ڪونلڪو آهيان؟

عمر جي وڏي ڪمزوري جپاني پاپلين هئي. پگهار ملڻ سان ئي نئون وڳو نهرائي ،پائي ،پيو ٽلندو ، آئي وئي کي پيو ڏيکاريندو."هٿ لائي ڏس نہ ،پَٽُ آهي پٽُ ،جهڙو ريشم." ۽ پوءِ جڏهن اڳيون ڪپڙي جي تعريف ڪندو تہ ٽڙي پوندو ۽ چوندو ،"واهہ ڙي جپان واهہ."

حميد ۽ مجيد ڪيس چيڙائڻ کان منهن ڇپو ڪري چوندا ،"هيءَ جپاني پاپلين آهي؟عمر تو کي بيوقوف بڻايو اٿئون. هيءُ تہ پاڪستاني ڪپڙو آهي."

ان تي عمرمايوس ٿي ويندو. سوچ ۾ پئجي ويندو. چوندو ، "نہ يار ،مونکي جپاني ڪپڙي جي سڃاڻ آهي ،مونکي ڪيئن ٺڳي سگهندا."

پر جڏهن رامجي ۽ ٽن ٺڳن وانگر حميد ۽ مجيد ٻن ٽن ٻين همراهہ سان اڳواٽ صلاح ڪري سندس آڏو چؤارائيندا تہ واقعي اهو ڪپڙو پاڪستاني آهي تہ عمر روئڻ جهڙو ٿي ويندو. سڏو ويندو دڪاندار وٽ جتان ڪپڙو خريد ڪيو هيائين.ان کي گاريون ڏيندو ،دڪان وارو قرآن جو قسم کڻي ، ڪپڙي جي تاڪي تي ڪيس جپان جو ٺپو ڏيکاري پڪ ڏياريندو تہ برابر اهو ڪپڙو جپاني آهي ، تڏهن مس مس همراهہ وڃي ٺرندو.جڏهن اهي سڀ ڳالهيون هو اچي حميد ۽ مجيد سان ڪندو ، تڏهن هو ڏسندا تہ ماڳهين عمر هٿن کان ٿو وڃي ،تہ هو ٻہ هڪ ٻئي کي اکيون هڻي مڃي ويندا تہ واقعي ڪپڙو جپاني آهي. ان فتح تي عمر ويتر ڦونڊ ۾ ڀرجي ويندو.

ان کان پوءِ عمر سدائين ڪپڙي جو اهو ٽڪرو وٺي ايندو هو ، جنهن تي جپان جو ٺپو لڳل هوندو هو ،اهو پهرين مجيد حميد ۽ اسان کي ڏيکاري ، پوءِ سبرائيندو هو ، جيئن هو پاڪستاني ڪپڙي پائڻ جي طعنن کان بچي وڃي.

هن جي ڪاوڙ جا ٻہ سبب هئا. هڪ تہ پاڪستاني ڪپڙو پائڻ جو طعنو هن لاءِ گار برابر هو. ٻيو تہ هن کي ڪپڙي شناس نہ هئڻ ۽ دڪاندار طرفان بيوقوف بڻجڻ واري ڳالهہ ڏکي لڳندي هئي.

ٻہ ٽي مهينا ائين گذري ويا. مجيد ۽ حميد کي تسليم ڪرڻو پيو تہ عمر جا نوان وڳا جپاني آهن ۽ ڪيس ڪپڙي جي شناس آهي ،۽ ڪيس ڪو بہ دڪاندار بيوقوف نہ ٿو بڻائي سگهي.

ڳالهہ مان مزو نڪري ويو. عمر کي چيڙائڻ جو ڪو بہ بهانو نہ پئي بڻيو. نيٺ هڪ ڏينهن صلاح ڪري رٿا ناهي ورتي سين.

جيئن ئي عمر نئون جپاني پاپلين جو ٺپو لڳل ڪپڙو وٺي آيو تہ سڀني ان جي تعريف ڪئي. پر جڏهن سبرائي ۽ پائي ڏيکاريائين تہ حميد ۽ مجيد منهن ڇپو ڪري پراڻو راڳ شروع ڪيو ،"نہ عمرتو کي بيوقوف بنايو اٿن هيءُ ڪپڙو پاڪستاني آهي."

عمر جا طاق لڳي ويا. سڄي خوشي ڪافور ٿي ويس. پهرين ڇرڪ ڀريائين ،پوءِ اکيون ڦوٽاري قميص ڏي ڏٺائين ، پوءِ ڪپڙي کي ڇُهي پڪ ڪيائين تہ جپاني آهي. آخر تہ ماهر ڪپڙي شناس هو. پوءِ قميص جو دامن چپٽيءَ ۾ جهلي مجيد آڏو جهليائين.

"هيءُ-هيءُ ڪپڙو - هيءُ پاڪستاني آهي؟ توهان کي ٺپو بہ ڏيکاريو

Gul Hayat Institute

اٿم ،اڃان بہ چئو ٿا پاڪستاني آهي. هٽ لائي ڏس ،لائي ڏسُ."
مجيد ڪپڙي کي هٽ لائي سخت ڏنائيءَ مان چيو ، "پاڪستاني نہ آهي تہ ٻيو ڇاهي.اڄڪلھ ٽپا بہ نقلي ٿا هڻن.اهو جپان وارو ٽپو نقلي آهي.تو کي بيوقوف بنايو اٿن."
ان تي عمر اچي مچريو ، چي ، "پاڪستان جي ماءُ ۾ هڙو ڪپڙو ٿاهيندي. پاڪستان جي پيڻ ههڙوڪپڙو ٿاهيندي." مطلب تہ پاڪستان کي ست سُريون ٻڌائيندو رهيو. حميد بہ مجيد جي تائيد ڪئي . نيٺ فيصلو اهو ٿيو تہ مان فتويٰ ڏيان تہ اهو ڪپڙو پاڪستاني آهي يا جپاني.
اڳ رٿيل پرگرام موجب مون ڪپڙي کي هٽ لائي ،ٿوري دير سوچي ، پوءِ چيو ،"عمر ،حميد ۽ مجيد سچ ٿا چون ،هيءُ ڪپڙو پاڪستاني ٿو لڳي."مهنجو ائين چوڻ ۽ عمر جو هوش ڪان نڪرڻ. نہ ڇڏيائين پاڪستان جي ماءُ نہ پيڻ ،دامن کي هٽ ۾ جهلي ، منهنجي آڏو آٽي چيائين ، "هيءُ ڪپڙو ؟هيءُڪپڙو پاڪستاني آهي؟ پاڪستان جي ماءُ اهڙو ڪپڙو ٿاهيندي؟هٽ لائي ڏس وري هٽ لائي ڏس."
مون وري هٽ لائي جڏهن چيو تہ "نہ عمر ،هيءُ ڪپڙو پاڪستاني ٿو لڳي."تہ عمر گريبان کي چڪ ۾ جهلي دامن کي هٽ سان ڇڪَ ڏني . چرررر!نئين قميص ڦاٽي پئي! ۽ عمر 'گڦ' وهائيندو ڪپڙا ڦاڙيندو چوندو ويو ،"پاڪستاني آهي تہ چڙهي آڱوٺي تي."
حميد مجيد جي کِلڻ جا هوڪرا هئا. اهڙيءَ ريت عمر جون الائي ڪيتريون قميصون ڦاٽيون.
سال گذري ويا.ڪاڏي حميد ، ڪاڏي مجيد ، ڪاڏي عمر ، ڪاڏي مان.هڪ دفعي رسالا روڊ تان ڊرائيوڪندو پئي ويس تہ ڏسان تہ عمر پيو وڃي. ساڳي لکن واري لوڏ ، ساڳيو صاف سٿرو لباس ، چلي هٽ ۾ ، ڪار ، روڪي سڏ ڪيو مانس ،چيائين ، "سائين ، ڪمشنر صاحب وٽ بورچي آهيان ، پاڃي وٺڻ ٿو وڃان."
مون پڇيو مانس ،"عمر ، هي ڪپڙو پاڪستاني آهي يا جپاني؟"
وڏو ٽهڪ ڏيئي چيائين ، "سائين ، ڇڏيو ڇرچا ، هاڻي جپاني ڪپڙو ڪٿي ٿو ملي. پلا هيءُ قميص بہ ڦاڙي ڏيکاريانو ڇا؟"

---

ماهوار
سهڻي
طرفان
عظيم شاعر
شيخ اياز
کي ، سندس شاهڪار لکڻين تي
خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هڪ شاندار
شيخ اياز نمبر
هن نمبر ۾ شيخ اياز جو هڪ اڻڇپيل ڪتاب الوداعي گيت ۽ مختلف دؤر جون تصويرون مختلف ليکڪن جا شيخ اياز تي لکيل خاڪا، مضمون ۽ شعر شامل هوندا لکندڙن کي گذارش آهي تہ اهي شيخ اياز تي پنهنجيون لکڻيون جلد موڪلين.

Gul Hayat Institute

عابد مظهر

## وائي

اچو تہ ويهي اوريون، مانجهي مون تڏي،
کنڊي ڪلاچيءَ ڪليئن.
مڙيا مانگر ڪيترا، سهڻي تي سڏي،
کنڊي ڪلاچيءَ ڪليئن.
پائر سپ پيڙا ٿيو، گوڏا ويهو گڏي،
کنڊي ڪلاچيءَ ڪليئن.
پڌن ڇڏيو پانهجا، ويڙها ويهو اڏي،
کنڊي ڪلاچيءَ ڪليئن.
نيٺ نہ ٿيندو سوجهرو، ڇپر ڪو م ڇڏي،
کنڊي ڪلاچيءَ ڪليئن.

شوڪت علي ڏماچ

## وائي

سوچن تي پهرا،
هٿ ۾ هٿڪڙيون،
چو ڪالھ جيان اڄ پي.
سوچ صلب چڙهيل،
راهن ۾ رڙيون،
چو ڪالھ جيان اڄ پي.
هي لڙڪن پنا ڳلڙا،
آگم ٻئي اکڙيون،
چو ڪالھ جيان اڄ پي.
ها مارئي ڪوٽن ۾،
گهاري پئي گهڙيون،
چو ڪالھ جيان اڄ پي.
پن ڇڻ رت جا پل ۾،
مرجهايل مکڙيون،
چو ڪالھ جيان اڄ پي.

بيڪس بدوهي

## وائي

نهل ٻلوان اگر تون،
مارڻ جي پل ڪوشش ڪر تون،
مري مري جي زنده ٿي ويس:
اؤ ڪو ٿينديں.
تارون تون اُڻ تارون آئون،
ٻوڙڻ چاهين ٻوڙي ڇڏ تون،
ٻُڏي ٻُڏي جي ٻاهر نڪتس:
اؤ ڪو ٿينديں،
تون جي مونکان ڏاڍو آهين،
مون تي ٿو هر حڪم هلائين،
توکان جڏهن ڏاڍو ٿي ويس:
اؤ ڪو ٿينديں.

Gul Hayat Institute

تنهنجن نيڻن بدران
ٽر ۾ رهندڙ
ريگستاني ماڻهن جي ڳالهہ هجي....
۽ جي منهنجي شاعريءَ ۾
تنهنجي خوبصورتيءَ جي
قصيدن بدران
پيڙهيل ماڻهن جا
نوحہ ڳايل هجن....
تہ او منهنجي محبوبا
مون کي معيار نہ ڏجانءِ
جو تنهنجي منهنجي
لازوال پيار جي
مطلق سچائيءَ وانگر
اهي سڀ بہ
اڻ مٽ
حقيقتون آهن__

O

سلطانہ وقاصي

## صبر، صبر ڪيو

سج لهي هيٺ ٿيو
ڌرتي تپي جهڙي باهہ
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ڪيس ڪلور
سنسار سارو ڏکويل ڏات
وري بہ تون چوين ٿو
ڪجهہ بہ ڪونهي ڪجهہ بہ ڪونهي
سڀ پنهنجو پاڻ ۾ آهيون
هو ڪٿو ياهي مئو
ڪاناهي ڳالهہ وڏي
صبر، صبر، صبر ڪيو
اسان جو قدر ڪيو!

ڪوئل جي ڪوڪ
ٽاڪ منجهند جو گهر ۾ لڪ
پيٽ پٽيءَ سان، ليڙون ليڙون لٽا
هي اُگهاڙو بکيو ٻالک
هن ڌرتيءَ جو اصل وارث
ٿو حق گهري تو کان
تون چوين ٿو
صبر، صبر، صبر ڪيو
اسان جو قدر ڪيو!

ڏينهن ڏٺي جو هوءَ اڪيلي
جوان جماڻ نئين نويلي
هن ڌرتيءَ جي مارئي
پنهنجي ئي گهر ۾
ورچڙهي ويئي ويرين جي
وڌي جي ڪٽجي سنگسار ٿي
ملي جڏهن وارثن کي
رڙيون اُپ پيون ڏارين
ڳوڙهن جا دريا پيا وهن.
وري بہ تون چوين ٿو
ڪجهہ بہ ڪونهي ڪي بہ ڪونهي
صبر، صبر، صبر ڪيو
اسان جو قدر ڪيو!

چئني طرف ڪيس قتل ڪو ڪار
ظالم ظلم ڪري گهمي پيو چڙواڳ
صبر، صبر، صبر ڪيون
اسان پلا ڇو صبر ڪيون
هاڻ تہ دل چاهي ٿي
رڙيون ڪري نڪري پوان
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ واڪا ڪيا.
گهرن جا در ڪڙڪائي
سين جي اندر ۾ ليٽا پايان
ستلن کي جاڳايان، ڪينِ اهو ٻڌايان
ڪنهن کان ٿا ٻڇو ڇو ٿا ٻڇو؟
ٻڇندا رهندو، مرندا رهندو
اڄو تہ گڏجي هڪ ٿيون
ظالم جي ظلم اڳيان ڍال ٿيون
پر هاءِ هاءِ، منهنجي ڪنهن نہ ٻڌي
سيڪو پٿر ڪٽي منهنجي پويان ٻوڙي
هاڻ تہ دل چاهي ٿي
ڌرتيءَ جي چو واٽي تي بيهي
رڙيون ڪري اُپ ۾ ڏسان
اِها اميد رکان
اُپ مان ٿئي پٿرن جي بارش
ڪاچپ ڪري ڪاچپ ڪري
ڌرتي ڏُبي غرق ٿئي
ڪو ڪين بچي ڪو ڪين بچي
شل ڪو ٻيو موئن جو دڙو نهي
شل ڪو ٻيو ڪاهوءَ جو دڙو نهي

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙن جا خط

◉ اميد تہ سُهڻي جي ڪاميابي تي سرهہ هوندا. پر سُهڻي اسان سڀني جي آهي.◉ سهڻي آگسٽ ١٩٨٩ع جو ٽائيٽل ڪَور اڳوڻن ڪان ڪجهہ گهڻ پُرڪشش نظر اچي ٿو ، جيتوڻيڪ مسرت مرزا جي پينٽنگ سٺي هئي ، پر پينٽنگ کي ڏسي محفوظ ٿيڻ ۽ ان ساڳي کي نندو ڪري ٽائيٽل لاءِ چونڊ ڪرڻ ٻہ الڳ ڳالهيون آهن. ٽائيٽل تي واضح تصوير ڏجي تہ چڱو ٿو لڳي ، جڏهن تہ هي پينٽنگ مبهم آهي ، جيڪا ننڍي ٿي اڃان بہ مبهم ٿي وئي آهي . ڪارٽون ڪنهنجا ٺاهيل آهن ، پتو نہ پئجي سگهيو. پر ايترا خاص بہ ناهن ، جهڙا اڳي هئا.◉ ايڊيٽوريل مختصر پر وقت جي ضرورت آهي.◉ جيڪي منجهہ جهان ۾ دنيا جي سري هيٺ سٺو مواد آهي ، جڏهن تہ ملڪ ۽ سنڌ جي سري هيٺ زري گهڻ هڪ ئي موضوع (ايم ڪيو ايم ) بابت مواد آهي ، بهتر ٿي ها جيڪڏهن ايم ڪيو ايم جو مواد صرف سنڌ واري صورتحال ۾ ئي ڏجي ها. ◉ رسول بخش پليجو ڪان مِني انٽرويو جي آخري سوال ۾ پليجو صاحب ايڏو داناءُ هوندي بہ بيزار ڪن ۽ عجيب جواب ڏيئي ويٺو آهي تہ ،"جيڪڏهن پي پي وارا آءِ-جي-آءِ جو صدر ۽ وزير خارجا رکي سگهن ٿاءِ بلوچستان ۾ اتحا دکري سگهن ٿا، تہ اسان ڪيو تہ ڪهڙو ڏوهہ ڪيو سين." اها ڪهڙي نظرياتي حڪمتِ عملي آهي ، تہ هڪ ماڻهو برو ۽ ننڌجڻ لائق ڪم ڪري تہ ٻيو بہ ان کي ڏسي رِيس ڪري. ظالمن ، ڦورن ، آمر ضيا جي پٺن ، ساٿارين ۽ آمريڪي اشاري جي غلامن سان ترقي پسنڌ ڙر جو اتحاد ڪرڻ ڪهڙو LOGIC آهي ، جنهن جو اهڙين ڳالهين ذريعي ڊفينس ڪجي. جيڪڏهن پي پي وارا ايم ڪيو ايم سان ٺاهہ ڪري سنڌين جي قاتل رهزنن کي کلي ڇوٽ ڏيندا ۽ صرف پنهنجي ڪرسيءَ کي مظبوط ڪرڻ لاءِ سنڌي ماڻهو جو ڏنل بلئنڪ چيڪ (BLANK CHEQUE) وساري ويهندا ، تہ ڇا انهن کي ڏسي توهين بہ ائين ڪري سگهو ٿا؟ ◉ ڊاڪٽر قادر مگسي جو انٽرويو عام ڳالهين تي مبني هو ، واقعي تڪڙ ۾ تہ اهڙو ئي ٿي سگهي ٿو. غلام نبي مغل جو ڪالم ، ڪهاڻيءَ جي خوشبوءُ سان واسيل آهي ۽ ڪٿي ڪٿي چنهبڙي پائي ٿو ، پر آخر ۾ اهڙي ڳالهہ ڪري ٿو جو دنگ رهجيو وڃجي.◉ (صحافي ، غلام نبي مغل جو سفرنامو سٺو آهي ، هِن ۾ هر ڳالهہ واضع ٿي آهي ۽ سفر نامي جي اهائي خوبي ليکي وڃي ٿي تہ هر ڳالهہ لکجي ۽ بور بہ نہ ڪجي.◉ پيرس جا دائمي رهاڪو ۾ فرانس جي رائٽرز بابت ڪارائتي ڄاڻ مهيا ڪئي ويئي آهي ، تہ اتي جي ليکڪن کي اڳ يا پوءِ ڪيتري عزت ۽ مان سان نوازيو ويو ، جو سندن قبرون بہ محلن وانگي ٺاهيون ويون. پڙهتي جي ليکڪن سان تہ قصو ئي اور آهي.◉ عبدالقادر جوڻيجي جو ڪالم آءُ سڀ کان پهريائين پڙهندو آهيان ، ۽ خوب چشڪا وٺي هڪ هڪ لفظ پڙهندو آهيان. هي مڙس مولائي جملن کي پوءِ اهي پلي ڪنهن انگريز يا جرمن جا چونہ هجن ، اهڙو تہ ڇپاڙي ڇپاڙي سنڌي نج لهجي ۾ لکي(ترجمو ) ٿو ، جو ڄڻ اسانجي سامهون مُٺ تي No: 6 جو سگريٽ ڇڪيندو ڳالهيون ڪندو هجي. واقعي هي پڙهيل لکيل ۽ تخليقي رائٽر آهي.هِن جو ڪالم رسالي جي سونهن آهي.◉ ڪوٽيشن سٺا آهن ، پر اڃان بہ وڌيڪ ڏيو تہ بهتر.◉ 'قيدي' ناول پڙهي اصلوڪي جو گمان ٿئي ٿو.سٺو ترجمو آهي ◉ 'آرسي' ۾ جيجي زرينہ بلوچ اندر ۾ ڇهڪ وجهندڙ جواب ڏنا آهن ، هِن کان اڳ نورالهديٰ شاهہ بہ گهٽ نہ ڪيو. ٻنهي خوب پاڻ ملهايو آهي سنڌ سان◉ ڪهاڻين ۾ چڱي چونڊ هئي ،پر ولي رام ولڀ جي ترجمو ٿيل ڪهاڻي وڌيڪ سٺي لڳي.◉ ممتاز مرزا اڃان ماحول جي گذري وڃڻ جي منظرڪشي ۾ رُڌل آهي ، ڏسون تہ هُو اڳتي شخصيت (محمد يوسف) جو ذڪر بہ ايترو ئي جامع ڪري ٿو يا نہ.◉ شاعريءَ ۾ سڀ سٺا شعر آهن ، پر گهٽ آهن ۽ سڀئي نالي چڙهيا شاعر آهن. نورالهديٰ شاهہ جا هي ٻہ نظم ۽ گذريل پرچي ۾ ڇپيل نظم 'هڪ مسلسل نظم' ٽيئي



Gul Hayat Institute

شاهڪار آهن ، باقي (اردو لکڻ) هُن جو ٻاهر نڪرڻ ، گهر کان صوبي کان، ملڪ کان، ۽ بين الاقوامي ليکڪن جي صف ۾ شامل ٿيڻ جي هڪ ڪوشش ۽ بنيادي حق آهي، جنهن تي ڪيس ٺوڪڻ جو ڪو خاص جواز ناهي، ڇاڪاڻ ته هوءَ سنڌي ٻولي کي به وقت ڏيئي رهي آهي.◉ شاعريءَ ۾ سنڌي انڊين شاعرن جي شاعري ،نيون ڪويتائون چونڊي ڏجن ته سٺو لڳي. ادب جي رواني سان Exchange رهندي، جيئن هريڪانت، ايم ڪمل، نارائڻ شيام ۽ ارجن حسد وغيره جا ڪتاب ضرورتوهان وٽ هوندا.توهان جي مرضي، پنهنجي رسالي ۾ فلمي تبصرا ڏيو ،ٽي وي بابت چاڻ ڏيو ۽ بمبيءَ ڊائري، وڊيو ٽاڪ، پر آخري فوٽو واري پيج بابت آءٌ ادل سومري جي راءِ سان متفق آهيان ته اتي اديبن جا گروپ فوٽو ڏنا وڃن.

نانڪ. ٽنڊو محمد خان

◉ سهڻي جو ڇهون پرچو خوبصورت ٽائيٽل سان هٿن ۾ آهي. پڙهي ڏاڍي راحت محسوس ٿي ۽ خاموش جذبن ۾ هڪ نئون روح پرجي پيو. خاص طرح جيڪي منجهه جهان ۾ حڪومت جو ايم.ڪيو. ايم جي اڳيان گوڏا ٽيڪڻ جو داستان ۽ حيدرآباد ۾ سنڌين سان ٿيندڙ ڪلورن جي رپورٽ ڪجهه سوچڻ تي مجبور ڪيو. بين الاقوامي ادب ۾ پيرس جا دائمي رهاڪو، غلام نبي مغل جو ڪالم 'يڪ نعره حيدري' سينئر صحافي جو سفرنامو ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾، جيجي زرينه جون دلچسپ ڳالهيون، بشير موريائي، خادم ٻگهيو ۽ پرويز جون ڪهاڻيون شاندار هيون.◉هڪڙي ڳالهه جيڪا سُهڻي جي هميشه منفرد رهي آهي، اها آهي رنگين تصويرون ۽ سهڻو ٽائيٽل اميد ته اهو تسلسل برقرار رکندا. ايڊيٽوريل ۾ لکيل ڳالهيون تمام وقتائيتون ۽ قيمتي هيون. پر سائين هڪڙي ڳالهه آهي ته نئون سنڌي اتحاد سنڌي ماڻهن لاءِ تمام ضروري آهي ،ڇاڪاڻ ته اهو خاص سنڌي ماڻهن جو اتحاد هوندو ۽ انهيءَ جي قيادت تمام ايماندار ماڻهن وٽ هوندي. باقي سنڌ قومي اتحاد وارا پليجي صاحب کي ٻيهر دعوت ڏيئي گهرائن ،اها اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ ته دعوت ڏيڻ ۾ هو پنهنجي سياسي توهين سمجهن ٿا، ٻيو ته وري ان ۾ سنڌ جا ڪرمي پُٽ، سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ساهه ڏيندڙ اسان جا محب وطن اڙدو ڳالهائيندڙ سنڌي موجود آهن، تنهنڪري هوندئن به پليجي صاحب جي ايڏي وڏي ضرورت محسوس نه ٿي ڪئي وڃي. رهيو سوال نئين سنڌي اتحا د وارن جو ته اُهي اڳوڻي جيان وري به هنن کي دعوت ڏيندا باقي اچڻ نه اچڻ انهن جي وس آهي.◉هن پرچي ۾ هڪڙي شيءِ اهڙي هئي، جيڪا سُهڻي جي معيار وٽان نه هئي، اها هئي پليجي صاحب جومني انٽرويو. آءٌ سمجهان ٿو ته اهو انٽرويو ڏيئي توهان پليجي صاحب جي شخصيت سان نا انصافي ڪئي آهي ۽ سهڻي جي معيار کي به ڌڪ رسايو آهي.پليجي صاحب جنهن پنهنجي پوري زندگي سنڌي قوم لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي، تنهن لاءِ جيڪڏهن ڪنهن رسالي ۾ پنج ڇهه صفحا به نه رکيا وڃن ته اها سنڌي صحافت لاءِ... اميد ته پليجي صاحب کان هڪ نئون نڪور ملڪي صورتحال تي تفصيلي انٽرويو وٺي شايع ڪندا .

عبدالجبار ميباڻي.تلهار.

◉ سهڻي ڇهه پڙهيم.سچڻ سچو رسالو تمام محنت ۽ جفا ڪشي سان سينگاري ڪڍڻ تي اسان پاران سچي اداري کي لک لک مبارڪون قبول هجن، ڇو جو توهان جي ڪيل محنت کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. پيارا توهان جي محنت سان هن ڪاوش کي جاري رکڻ تي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ،ڇو جو توهان ئي هن مسڪين ماروئڙن جي بدران آواز اٿاري رهيا آهيو، ۽ اهو نيڪيءَ جو ڪم آهي. رب پاڪ توهان کي ان جو ڦل آخر ۾ ڏيندو .هن پرچي ۾ ڪامريڊ نجيب جي ديس ۾ غلام نبي مغل، محترم ڊاڪٽر خان مگسي سان ڳالهه ٻولهه ،ڇڙو ڇر ڳالهيون عبدالقادر جوڻيجو.يڪ نعره حيدري غلام نبي مغل، نجم عباسي ۽ زرينه بلوچ جون تصويرون ،ٽي وي اوٽي وي ، سيد يار محمد شاه ،بهرحال سچڻ ساٿي توهان جو سچو رسالو تعريف جي لائق آهي، ۽ سچڻ توهان اسان جي قومپرستن جا انٽرويو ضرور ڏيندا ڪجو. ڇوجوهن وقت سنڌي قوم نازڪ دؤر مان گذري رهي آهي، ۽ توهان ايڊيٽوريل تمام سٺو لکيو آهي، ۽ سنڌي قوم لاءِ اڃان به وڌيڪ لکو ۽ معلومات ڏيندا ڪيو.

ٽوريلو. سنڌي حيدرآباد سنڌ.

◉ اگسٽ وارو سهڻي جو پرچو هٿن ۾ آهي ،تعريف لاءِ لفظ نه ٿا ملن.گيٽ اپ جي ڇا ڳالهه ڪجي؟ خدا ڪري هميشه ان کان به سٺا گيٽ اپ پيش ڪري سگهو.سهڻي پراڻي روايتن جا به رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. اسانکي سهڻي جو ايترو انتظار رهي ٿو جيترو شايد ميهار به نه ڪيو هوندو.پنهنجي طرفان هميشه وانگر وقتائتو هو ،خاص ڪري نئون سنڌي اتحادمتعلق. اسان به جناب پليجي کي سهڻي ذريعي گذارش ڪنداسين ته خدارا سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن تي رحم ڪري.سنڌ قومي اتحاد ۾ شامل ٿي جدوجهد

كري .هن وقت نئون اتحاد ناهڻ سنڌي قوم کي تباهه ڪرڻ جي برابر ٿيندو.◉ڇهنڊڙيون ڪالم هميشه کان نرالو ۽ وقتائتو آهي واقعي ڪافي تعليم يافته نوجوان بيروزگار آهن، انهن کان قابليتي نه ،پر انهن کان 'ڪرائيم ڊائري' ڇڄي پئي وڃي.◉ جيڪي منجهه جهان ۾ 'حيدرآباد ۾ موت جو انتظار' پڙهي اکين مان بي اختيار ڳوڙها ڳڙي پيا.ڇا اسان پي-پي-پي کي ووٽ ان لاءِ ڏنا هئا ته جيئن اسان کي مارائي سگهي.'يڪ نعره حيدري' ۾ به غلام نبي مغل سٺو پاڻ موکيو آهي.شخصيت واري ڪالم ۾ اسان جي هر دلعزيز ليکڪ نجم عباسي جي بائيو ڊيٽا ڏيئي اسان تي وڏ ڪيو اٿو. اوهان کي گذارش ڪنداسون ته سهڻي جو هڪ خاص نمبر 'نجم عباسي' جي نالي ڪڍو.آفريڪا جي سپوتن جون تصويرون ڏسي من جهومي اٿيو. ڪيترا نه دلير ۽ سرويچ آهن اهي جوڌا، جيڪي آمريڪي سامراج سان مهاڏو اٽڪايو اچن. جيجي زرينه بلوچ جو انٽرويو به تمام گهڻو پسند آيو ،اڳتي ماهتاب محبوب جو انٽرويو به شايع ڪندا. ڪهاڻين ۾ خادم ڀگهيو جي ڪهاڻي 'نينهن پليو نفرتن ۾' ◉ حد کان وڌيڪ متاثر ڪيو. اسين خادم ياءُ کي واڌايون پيش ڪريون ٿا. امر جليل کي گم ٿيڻ نه ڏيو. شاعري ۾ تنوير جو ڪلام ڏاڍو وڻيو. بمبئيءَ ڊائري ۽ حسين اداڪاره به ڏاڍي پسند آئي. اهي بئي سلسلا جاري رهڻ گهرجن ،جيئن اسان کي خبر پوي ته فلم انڊسٽري ڪٿي پهتي آهي.

ڊاڪٽر امان الله جهنبال.

چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو.

◉اگسٽ جي سهڻي ورتم. ايڊيٽوريل ۾ 'مستقبل لاءِ سوچڻ گهرجي' واري عنوان تحت نهايت اهم ۽ بنيادي ڳالهه جي اُپٽار ڪئي اٿوَ. سچ سچ ته شهرن ۾ هر ڪا شيءِ ڀهراڙين کان وڃي ٿي ،جيڪڏهن سنڌي ماڻهو ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي پيداوار لاءِ مارڪيٽون فراهم ڪري سگهن ، ته پوءِ رت چُوسيندڙ ڌارين سرمائيدارن جي مُڪمل اقتصادي ناڪه بندي ڪري سگهجي ٿي. ايڊيٽوريل جو ٻيو مگر مختصر حصو 'نئون سنڌي اتحاد' جي سِري هيٺ لکيل پڙهيم ،هي هڪ وسيع موضوع آهي، جنهن تي اوهان جهڙي مدبر ۽ مُبصر ماڻهو کي تفصيل سان لکڻ کپندو هو، جيئن عام سنڌي ماڻهو جيڪو مُونجهاري ۾ آهي، سو غلط ۽ صحيح پروڙي سگهي ۽ سياسي ليڊرن کي به صحيح راهه اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهي. ان موضوع تي دانيال شاهه جو لکيل تفصيلي خط ڪافي روشني وجهي ٿو. اها واقعي افسوس جي ڳالهه ڇٻي ،جو ٻن ٽن پناهگيرن جي عيوض، پليجي وارن جي سنڌي ماڻهن جي وڏي حصي تي مشتمل هڪ فعال ۽ منظم تنظيم کي نظر انداز ڪيو ويو آهي ۽ مٿان وري الزام ته هو غدار آهن ۽ پنجاب جا ايجنٽ وغيره. اسانجن انهن قومپرست دوستن اڳ ۾ به پناهگير، مُتعصب الطاف جي باڊي گارڊن جا فرائض انجام ڏنا. سنڌ ۾ سندس شخصيت ناهي ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ تقريرون ڪرايون. اهو سندن اُهي ٿورا هاڻي لاهي رهيو آهي، سنڌي ماڻهن جا لاش تحفي طور مُسلسل موڪلي رهيو آهي. هاڻي وري مختيار رضوي ۽ خانم گوهر وارن جو وارو آهي ته هو کهڙا ٿا قرب وندين.مهاجرن ته ڪڏهن کان اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هُو احسان، ٿوري ۽ ڀلائي مان ڪجهه به نه ڄاڻن. پناهگيرن سان همدردي نانگ کي کير پيارڻ جي برابر آهي، مگر پوءِ به جيڏانهن جهار جهڻي اوڏانهن گنئير ،گوڙهو ئي نه هٽي وارو ڪم لڳو پيو آهي. انڌي ڀڃي گهر جا نِڪروانگر سنڌي ليڊر پاڻ ۾ دست و گريبان آهن ۽ دشمن مزي سان پنهنجون ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪندو ٿو وڃي، ۽ اسان اڃا به پنهنجيءَ پَٽ ڪونڊ ۾ پورا آهيون. ◉ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جو انٽرويو پسند آيو. رسول بخش پليجي جو تفصيلي انٽرويو وٺي شايع ڪريو ته بهتر ٿيندو.◉ آزاد ڪالم ۾ قادر جوڻيجي جون چِٽروچر ڳالهيون دلچسپ آهن، لڳي ٿو ته اِهو ڪالم هلندو ئي رهندو ،مناسب آهي◉ مون پڙهيو وارو صفحو هڪ نئين قسم جي ڪوشش آهي، ڪا خاص ڪشش ڪونه اٿس.◉ يڪ نعره حيدري غلام نبي مغل جو ڪالم هن ڀير به ڏاڍو دلچسپ ۽ فڪر انگيز رهيو ،ڪيس واڌايون هُجن.آرسي عنوان هيٺ جيجي زرينه بلوچ کان پڇيل اهم سوال ۽ جيجي طرفان ڏنل دلچسپ جواب بيحد پسند آيا، هي سلسو تمام سُٺو ۽ ڪامياب سلسلو آهي.شاعري ۾ تاجل 'بيوس' جي سُر ڪلاچ وارا بيت ڏاڍا دلچسپ، وقت جي تقاضا تحت موزون ۽ مناسب آهن. جيڪي پڙهندڙ تي گهرو اثر ڇڏين ٿا. جيئن ته هي شاهه سائين جي بيتن جي طرز تي ڪيترائي بيت آهن ،مگر سهڻي ۾ اهڙي نموني لکيا ويا آهن ،ڄڻ ته ڪو طويل هڪڙوئي شعر آهي. هر بيت ڌار ڌار هئڻ گهرجي.هر ٻئي بيت جي وچ ۾ ڪجهه وڇوٽي هئڻ لاءِ لازمي آهي.خطن وارو سلسلو به بهترين آهي. هن مان پڙهندڙن جي نه صرف رسالي بابت راءِبلڪ موجوده حالتن بابت سوچ ۽ فڪر جي خبر به چڱي طرح پئجي سگهي ٿي.

ملزم ٿري ،مٺي.

Gul Hayat Institute

◉ سهڻي جي آگسٽ واري پرچي جو گيٽ اپ تمام سهڻو ۽ اهڙو ئي اندر معيار موجود هو. سنڌ جي عظيم سياسي اڳواڻ ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جو انٽرويو تمام سٺو هو. خدا ڊاڪٽر کي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪري.◉غلام نبي مغل صاحب پنهنجي ڪالم 'يک نعره حيدري' جي بيهڪ برقرار رکيو پيو اچي، باقي عبدالقادر جوڻيجي جي آزاد ڪالم ۾ ڪانواڻ موجود نہ آهي. سنڌ جي برک ۽ جرئتمند ليکڪ نجم عباسي جي تصوير ۽ بائيوڊيٽا ڏيڻ تي اوهان کي واڌايون.آفريڪا جي جوڏن جي تصويرن، پرچي جي سونهن ۾ گهڻو اضافو ڪيو.گڏوگڏ ياسروريام جا ترجمو ڪيل نظم پنهنجو مٽ پاڻ هئا. ڪهاڻيون سڀ معياري هيون، خاص ڪري بشير مورياڻي جي ڪهاڻي 'ڪاسبين جو ڪمال'. ممتاز مرزا جو مضمون 'وساريان نہ وسرن' اجان منزل کان ڪئين ڪوهه ڏور آهي. هن شماري ۾ شاعري ڪا خاص نہ هئي،سواءِ تنوير عباسي ۽ تاجل بسوس جي.بهرحال سهڻيءَ سنڌي ادب جو مان مٿاهون ڪيو آهي.

رياض سهتو.

مهران يونيورسٽي نوابشاهه.

◉پهريون پرچو ڇڏي قومي سنڌي رسالي ماهوار سهڻي جا ٻيا سڀ شمارا پڙهيم. ايڊيٽوريل جو دؤر ڪيم ۽ پوءِ سهڻيءَ جي حوالي سان اوهان ڏانهن هي تبصرو لکڻ ويٺس. سهڻي منهنجي نظر ۾ هڪ فني شهپارو آهي، جنهن حال سارو پنهنجي، هر دؤر ۾ سنڌي عوام جي خدمت ڪئي آهي. جيڪڏهن سنڌي غدار ۽ سنڌي دشمن گڏ ٿي سگهن ٿا، تہ سنڌي پورهيت عوام جي اتحاد تي بہ ڪنهن کي ارهو ٿيڻ نہ کپي.◉عبدالقادر جوڻيجي ۽ نورالهديٰ شاهه ٽي وي تي اڙدو ۾ لکي سنڌي ۽ اڙدو ڪلچر جي انسان دوست ترقي پسند جزن کي هڪ ٻئي سان ملايو آهي ۽ سنڌي قوم جي وڏي خدمت ڪئي.
◉عبدالقادر جوڻيجي ۽ غلا نبي مغل جا ڪالم سٺي تفريح ٿا ڪرائين. اگسٽ واري پرچي ۾ ليکڪ فخر زمان جي ناول 'قيدي' جي قسط پسند آئي، خاص ڪري هنن جملن کي پڙهي لڳ ڪانڊارجي ويا :اصل ڳالهه اها آهي تہ سچ کي بلند رکڻو آهي ۽ شڪست قبول نہ ڪرڻي آهي، پوءِ پل کهڙيون بہ حالتون آڏو اچن. هن دعا گهري تہ ڪيس ايتري قوت عطا ٿئي تہ جيئن الزام لڳائيندڙن کي روڪي ۽ سندن سامهون، توڙ تائين سينو ساهي سگهي. اگسٽ واري پرچي ۾ محترم نجم عباسي جي بہ سٺي معلومات ڏني اٿوَ.

ذوالفقار ٽالپر. جهڏو.

◉سڀ کان اڳ تہ اوهانکي 'سهڻي' جي ڪامياب اشاعت تي واڌايون. سهڻي کان اڳ بہ مختلف وقتن تي سنڌي ۾ رسالا نڪرندا رهيا، پر ڪو بہ رسالو وقت جون گهرجون پوريون نہ ڪري پي سگهيو. انڪري ئي اڪثر رسالا بي وقتا ئي بند ٿي ويا. سهڻي هڪ مڪمل رسالي وانگر اُڀريو آهي، اڄوڪي سنڌي عوام جي گهرجن مطابق ايڊيٽوريل کان وٺي انٽرويو تائين ۽ ادب جي چونڊ کان وٺي اسانجن خطن تائين رسالو پاڻ ملهائيندو اچي. اجان سفر جاري آهي ۽ جاري رهي بلڪ ڪاميابي سان جاري رهي. سُهڻي هر سنڌي جي هٿ هٿ ،دَر دَر ۽ دل ۽ دماغ تائين پهچي ۽ اسان ۽ اوهان اُئين ئي منزلون ماڻيندا هلون . اها ئي اسانجي دُعا آهي.

ڊاڪٽر يعقوب دَل.ڪراچي سنڌ.

◉ اوهانجو ڌيان ڪجهه اهم ڳالهين ڏانهن ڇڪرائڻ گهران ٿو. جڏهن سهڻي ٻيهر شروع ٿي تہ اسان نوجوان ليکڪن جي ذهن ۾ اها ڳالهه هئي تہ نون ليکڪن کي پنهنجون حالتون مڃرائڻ لاءِ هڪ سٺو پليٽ فارم مهيا ٿي رهيو آهي، پر گذريل ڇئن پنجن شمارن کي ڏسي اها اميد خاڪ ۾ ملي وئي ،تہ ڪالم بہ قادر جوڻيجي، غلام نبي مغل صاحب جن جا هجن، شاعري بہ آغا سليم، نورالهديٰ شاهه، شيخ اياز، قمر شهباز ۽ اهڙن ٻين نالي چڙهيل اديبن جي هجي. حيرت جي ڳالهه آهي تہ ڏيڍ ڪروڙ سنڌين مان سهڻيءَ جي معيار جا ليکڪ وڃي اٺ ڏهه بچيا آهن، جيڪي هروقت، هر دؤر ۾ معياري رهيا آهن. پوءِ وڏا نالائق آهن سنڌي اديب ۽ رسالا ڪڍندڙ، جيڪي ايترن سالن ۾ فقط اٺ ڏهه معياري ليکڪ ناهي سگهيا آهن، ۽ انهن جي لاڏائي کان پوءِ سنڌي ادب کي چاڻنا جو تالو لڳائي ڪنهن ميوزم ۾ رکائڻو پوندو. ڇو تہ اسان جهڙا نوجوان سڀ جا سڀ ٿيا غير معياري. آءٌ اوهان کان پڇان ٿو تہ نورالهديٰ شاهه ۽ آغاسليم جون هڪ ئي پرچي ۾ ٻہ ٻہ شيون شايع ڪرڻ، ياسروريام جون ٽي شيون شايع ڪرڻ کان بهتر نہ هو تہ ڪنهن اڀرندڙ نئين ليکڪ جون چار سٺون شايع ڪجن. اها ڳالهه يادرکو تہ ادب جي خدمت رڳو رسالو شايع ڪرڻ نہ آهي ،بلڪ نوان ليکڪ ادبي دنيا کي ڏيڻ حقيقي خدمت آهي؟ ڇا قمرشهباز، نورالهديٰ وغيره پيدائشي سهڻيءَ جي معيار جا هئا؟ سهڻي رسالي جو سنڌي ادب ۾ هڪ تمام سٺو اميج آهي ۽ اوهان جن هڪ ٻن نون ليکڪن کي جاءِ ڏني آهي (وڌ ۾ وڌ 5%) ،تن جي بيحد همت افزائي ٿي آهي، نوان ليکڪ تما سٺوءِ حالتن آهر لکي رهيا آهن، اوهان جرئت ڪري انهن کي موقعو ڏيو، جيڪڏهن انهن جي ڪري سهڻي جون ڪاپيون نہ هليون تہ اهي منهنجي ائڊريس تي V.P ڪجو، باقي اجايا بهانا نہ گهڙيو. آءٌ اهو چوندس تہ 'انديشن جي آڙ ۾ نون ليکڪن جو ادبي قتل عام بند ڪريو.◉ سنڌ جي هيري ڊاڪٽر قادر مگسيءَ جو انٽرويو ڏيڻ تي مبارڪ باد قبول ڪندا. جيجي زرينہ جو انٽرويو تفصيلي ڏيو ها تہ سٺو. ◉ آفريڪي گوريلن جون تصويرو بيحد پسند آيون. ٽائيٽل پنهنجو مٽ پاڻ هو. ◉ احتجاج طور پرچي جي وڌيڪ تعريف ڪونہ ٿو ڪريان.

نصير احمد ميمڻ 'سارنگ'

حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

# انل ڪپور

انيل ڪپور کي هينئر ٻيو نمبرون اداڪار سڏيو پيو وڃي.ڇو تہ مسلسل چار فلمون اين چندراجي تيزاب،سِپاش نہ گهٽيءَ جي رام لاکن،ڪِي و شوانات جي ايشور، ۽ رکوالا سپرهٽ وڃڻ ڪري،انيل ڪپور جون صلاحيتون مڃيرن ويون آهن. انيل واقعي هڪ ڪلاسڪ اداڪار آهي.

انيل ڪپور جو پيءُ سريندرڪپور پروڊيوسر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هئڻ سان گڏ ڪنهن وقت ۾ شمي ڪپور جو سيڪريٽري بہ هو. سريندر ڪپور جي ٿاهيل فلمن جي ناڪام هئڻ ڪري ،مٿس اهو بہ وقت آيو ،جڏهن هُو ٻارن ٻچن سڏو چيمبر جي تلڪ نگر ۾ رهيو. انهن گهرن ۾ فقط هڪ ڪمرو هوندو هو. اتي جا ماڻهو انيل ڪپور جن ڏانهن اهي ريمارڪس اڇلائيندا هئا تہ هنن جو فلمون ڪمائين ڪونہ ٿيون تہ بہ پنهنجي مڃي مانيءَ وارا لڳن ٿا.پاڙي جا ٻار انيل ڪپور جن تان مسخري ڪندي ڪين راج ڪپور ۽ شمي ڪپورجا چمچا چوندا هئا. انيل ڪپور سڄو ڏينهن وڏاوڏا خواب ڏسندو هو. اداڪاريءَ خا جيوڙا نندپڻ کان انيل ڪپور ۾ هئا. هڪ ڀيري وٽن لنچ تي ڪي مهمان اچڻا هئا.سو انيل ڪپور دوڙي وڃي ماءُ کي ٻڌايو تہ ٻہ غنڊا هن کي آغوا ڪريو ٿي ويا. پر هُو زوريءَ پاڻ کي بچائي آيو. ۽ پوءِ اهوئي ٿيو، جيڪو انيل ڪپور چاهيو ٿئي. سندس ماءُ ڪيس بسڪٽ ۽ ڪوڪ ڏني. انيل ڪپور جي اها پهرين اداڪاري هئي.انيل ڪپور جنهن زماني ۾ ميٽرڪ ۽ انٽر ڏني.تڏهن سندس گهڻا دوست نشي جو شڪار ٿيا. ۽ امتحانن ۾ فيل ٿي پر انيل ڪپور نشي کان بہ بچيو ۽ پاس بہ ٿيو.ننڍ پڻ ۾ انيل ڪپور جو معدو هميشہ خراب رهندو هو. تنهن ڪري هُو ڪلاس روم ۾ پٺيان پيل بينچن تي ويهندو هو. پرتہ بہ هو هميشہ سٺو شاگرد رهيو. جيئن تہ انيل ڪپور کي ننڍپڻ کان ئي ادا ڪار ٿيڻ جو شوق هو. سو سندس اسڪول جي هڪ دوست جو پيءَ، انيل ڪپور کي پاڻ سان گڏوني ويو،۽ ڪيس فلم 'توپايَل مَين گيت' لاءِ ششي ڪپور جي ننڍ پڻ جو رول مليو. ان وقت انيل ڪپور جي عمر ڏهہ ورهہ هئي. پر بدقسمتي سان اها فلم ٺهڻ بند ٿي وئي .ننڍ پڻ ۾ انيل ڪپور کي شو آف ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. هُو ٻئي ڏينهن فلم جي ئي ميڪ اپ ۾ اسڪول ويو هليو. سو اسئمبليءَ دوران ڪيس پهرين تہ ڪنهن ڪو نہ جانچيو،پر پوءِ سيني ڇوڪرن کي خبر پئجي وئي تہ هنن جي وچ ۾ هڪ اداڪار ويٺو آهي.انيل ڪپور اسڪول جي فينسي دريس شوز۾ گهڻا ئي ڀيرا پهريون انعام کٽيو. هُو گهڻو ڪري چيني يا جپاني ڇوڪريءَ جي ڊريس ۾ ايندو هو. ڇو جو سندس اکين ڪري، پاڻ ڏاڍو سٺو لڳندو هو. وري ڪاليج جي زماني ۾ پاڻ 'زيويئر' ڪلب جوائن ڪيائين جتي سندس ملاقات سنيتا سان ٿي. ۽ سُنيتا جي سڄي گروپ سان سندس دوستي ٿي.تڏهن انيل ڪپور بمبئيءَ جي فيشن مطابق 'ڪيا ڪررهيلا هَي' اسٽائل ۾ ڳالهائيندو هو. پر پوءِ سندس ڳالهائڻ جو طريقو بہ تبديل ٿي ويو. اسڪول ۾ انيل ڪپور جو قد ننڍو هوندو هو. ۽ سندس وڏو ڀاءُ بوني ڪپور فقط هڪ سال انيل کان وڏو هو.پر قد ۾ گهڻو ڊگهو هو. سو انيل ڪپور کي اچي اهو فڪر ٿيو.سو قد وڌائڻ لاءِ ڪيلا کائيندو هو ۽ گهر جي ڀتين سان پنهنجي قد جي ماپ ڪندو هو. پهريون سال انيل فلمون ڏسندي،ڪينٽين ۾ ويهندي ۽ ڊسڪوز۾ گهمندي گذايو. ان زماني ۾ انيل ڪپور جوافيئر هڪ پارسي ڇوڪريءَ سان چڱو وقت هليو. ۽ ان زماني ۾ سُنيتا سان فقط دوستي هئس. انٽر آرٽس ۾ انيل ڪپور کي مظهر خان مليو ۽ ٻنهي گڏجي هڪ ڪامياب ڊرامو 'دي زُواسٽوري' ڪيو. ان ڊرامي ۾ انيل ڪپور کي بيسٽ ايڪٽر ايوارڊ مليو. ان ڊرامي ۾ ششي ڪپور چيف گيسٽ هو. هُو انيل ڪپور کان ڏاڍو متاثر ٿيو،۽ ڪيس اين اين سپيءَ سان اهو چئي ملايوتہ "ڪپور فيمليءَ ۾ هي ٻيو ڪپور آهي،جيڪو اداڪاريءَ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪندو." ان کان پوءِ انيل ڪپور لاءِ وڏا مسئلا ٿي پيا .انٽر کان پوءِ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ڪري، انيل ڪپور کي 'زيويئر' مان ڪڍيو ويو. وري سندس پيءُ سريندر ڪپور هارٽ پرابلم جي ڪري سخت بيمار ٿي پيو. وري انيل ۽ مظهر خان پونا جو سالن جو ڪورس ڪيو .جنهن ۾ مظهر خان تہ پاس ٿي ويو ، پر انيل ڪپور زندگيءَ ۾ پهريون ڀيروفيل ٿي پيو . هوپوناجي اداري جي ڊائريڪٽر اداڪار گريش ڪرناڊ سان مليا ،پر اها ملاقات بہ فيل ٿي ويئي.آخر ڪار ٻنهي جٹن کي پروفيسر ترينجا مليو، جيڪو پنهنجو اداڪاريءَ جو اسڪول کولي رهيو هو. سو بمبئيءَ ۾ان اسڪول ۾ هڪ سال ۾ انيل ڪپور اداڪاريءَ جي ڪورس مان گهڻو ڪجهہ سکيو، ۽ جدوجهد شروع ڪيائين. چار سال مسلسل انيل ڪپور جدوجهد ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ڪيس 'هماري تمهاري' ۽ 'يک بار ڪهو' ۾ ننڍڙا رول مليا. پر ماڻهن چيو تہ انيل ڪپور جو مٿو تمام وڏو آهي، ۽ منهن ننڍو اٿس. ڪن وري چيو تہ ڪلهڻ ٻي ڊنگو اٿس،ڪن چيو تہ اکيون ڇوڇيون اٿس. جڏهن

Gul Hayat Institute

سُهٽي

انیل کپور



Gul Hayat Institute

# SHAH LATIF TOWN

## شاهه لطيف ٽائون

روز مره زندگيءَ جي
سڀني ضروري آسائشي ۽ سهولتن سان
سينگاريل ۽ سنواريل هڪ جديد ۽ مڪمل
رهائشي اسڪيم آهي، جيڪو حيدرآباد جي وچ ۾
(١١٠ فٽ ويڪري رستي، آٽوبان روڊ تي، فتح چوڪ جي
ڀرسان آهي.

Gul Hayat Institute

**Sponsored By:**

delta builders & Developers

**NEAR CAFE GEORGE, RISALA ROAD, HYDERABAD PHONE: 20228**

NOORANI printed by Noorani Block Works Tel: 215636